ٽه ماهي

# سامي سماچار

عمرڪوٽ

## جنوري کان مارچ 2012ع

## سٽاءُ


| | | |
|---|---|---|
| آڳڪٿ : نئون سال | ادارو | 02 |
| ٿر جي ڪوئلي جي ترقي ۾ ڪهڙي رڪاوٽ آهي؟ | ڪاڻاٽو جاني | 03 |
| پراڻ ڍوري جو اپيپاس ڪرايو وڃي.. | محمد موسيٰ ملڪاڻي | 05 |
| خوراڪ ۽ پاڻي جي بحرانن جي ور چڙهيل سنڌ | پروفيسر محمد اسماعيل ڪنير | 06 |
| سامي فائونڊيشن جون ٽه ماهي سرگرميون | ادارو | 07 |
| 4 مارچ نئين وچن جو ڏينهن | لطيف جمال چانڊيو | 13 |
| سنڌ جو سچو سورهيه ۽ حقيقي بادشاهه | امير بخش شر | 16 |
| ٿر ۽ پارڪر جو احوال | ايس اين رئڪس | 18 |
| سارو سنگهار ۽ ڪارايل ڪپور جي ڪهاڻي | راجب علي لاڙڪ | 23 |
| هڪڙي هئي خيرو | جامي چانڊيو | 25 |
| هولي ڪيل مناري | رام اوڏ | 28 |


## ڏس پتو

**سامي فائونڊيشن آفيس**

ويجهو اکين جي اسپتال عمرڪوٽ

فون نمبر : 0238-571593

فيڪس نمبر: 0238-571593

اي ميل ايڊريس: sami.foundation@yahoo.com

ويب سائيٽ : www.samifoundation.org.pk

## ايڊيٽوريل بورڊ

- سيد سردار شاهه
- حليم باغي
- سريش پراگاڻي

## چيف ايڊيٽر

- غلام مصطفي ڪوسو

## ايڊيٽر

- ميرحسن آريسر

## سرڪيوليشن مئنيجر

- شاهنواز ڪوسو

## پانهن ٻيلي

- غلام مرتضيٰ جوکيو
- نسرين قمبراني
- پرديپ ڪمار

## قانوني صلاحڪار

- ايڊووڪيٽ ممتاز جروار

هي نيوز ليٽر سنڌ ريسورس سينٽر سامي فائونڊيشن (رجسٽرڊ) عمرڪوٽ. ايڪشن ايڊ پاڪستان جي سهڪار سان شايع ڪيو.

# نئون سال ۽ بدليل زمانو

آگنڌ

اُتر جي واءُ واڪا ڪيا آهن ، سردي سرگرمين کي محدود تہ ڪيو آهي پر اندر ۾ ٿاپر ڪٿي؟ هو نئن بہ گرم يادن ڪانسواءِ سيارو ٽڏو آهي. هي سارو ٽيون سال پروڪي يعني 2011 جون ............ها ، زندگي جي وٽ ۾ هي سال بہ ماضي ٿي ويو. وقت جي هن رهگذر ۾ پيڙائون ئي پلئہ پيون ، پلو آجو ڪو نہ ٿيو ۽ درد جي ايوان ۾ 2012 داخل ٿي ويو. وقت جي وهڪ ڏاڍي تيز آهي . سيڪنڊ سالن ۾ متجي انسان کي ٻالڪپڻ کان ٻڍاپي ۾ ڌڪي ٿا ڇڏين. ڳالهيون يادن ۾ ڪالهہ ڪالهوڪيون لڳن ٿيون پر ڪاٿي سان سالن جو حساب سامهون اچي ٿو. ڪجهہ يادون ، ڪجهہ خواب ، ڪجهہ درد ، ڪي تڪليفون ،ڪي فساد ۽ فتنا. بس ائين پل پهر پروان چڙهن ٿا. هر شاعر مفڪر وقت جي پنهنجي سوچ ۽ تجربي جي بنياد تي پئي ڪئي آهي ، نومبر 1950 ع ۾ ادب جي نوبل پرائز لاءِ منتخب ٿيندڙ آمريڪا جي ٽئين نوبل لاريٽ وليم فاڪنر جو خيال آهي تہ زمان حال ڪانپوءِ ٻيو حال اچي ٿو. تنهنڪري مستقبل جو ڪو بہ وجود ڪونهي. ماضي ڏي اسان ڪئين سال هڪ سيڪنڊ ۾ واپس وڃون ٿا ، اهو يادن جي صورت ۾ اسان جي تڪليفن جو سبب بنجي ٿو. فاڪنر جي ماسٽر پيس “The sound and Fury” ۾ هڪ ڪردار ”ڪئنٽن“ گهڙي فرش تي اُڇلائي ، ڀڃڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. پر پوءِ بہ اها ٽِڪ ٽِڪ ڪندي رهي ٿي ، جنهن جو مطلب تہ ا سان وقت جي بيرحمي کان بچي نٿا سگهون!

ايڪهين صدي جو سال 2012 ع شروع ٿي چڪو آهي گلو بلائزيشن جو نيٽ ورڪ دنيا کي ڪوزي ۾ دريا بند ڪرڻ واري ڪوشش آهي ، وقت ماڊرنائزيشن ڏانهن مڙي رهيو آهي ، جديد انفرميشن ٽيڪنا لاجي طرزِزندگي تبديل ڪري ڇڏي آهي. تيز ترين ٻُش ٻٽڻ خلائي زمانو حيرتن جون حدون اورانگهي رهيو آهي. سمجهو ذهنن جون رت ولوڙ محنتون ڏور مفاصلن کي منٽن ۾ طئي ڪري رهيون آهن. فضا ۾ سفر سان گڏ فضائي اسٽيشنون بہ قائم ڪيون ويون آهن. چنڊ ڪانپوءِ مريخ ۽ ٻين سيارن جي چوطرف سٽلائيٽ منصب ڪرڻ وارو پراجيڪٽ بہ منزل ماڻڻ وارو آهي ، سيليولر فونز. ليپ ٽاپ ڪمپيوٽر ۽ سي ڊي رومز تخليقي دنيا تي اثر انداز ٿي رهيا آهن. ريڊيو ٽي وي ۽ انٽر نيٽ چوويهہ ڪلاڪ يڪدم تازه ترين خبرون آڻي پل پل جو پتو ڏيئي رهيون آهن. گلو بل وليج وارن ”وظيفن“ انسان کي (Spoon Feeder) بڻائي ڇڏيو آهي. اُها سپيتا ، اهو سپا موڪلائيندو ٿو وڃي ، نہ جوڳي کي مرلي ٿي وڄائڻ اچي، نہ ميهار کي ناز ڪرڻ ! هن سنسار ۾ مادي سمت الراس (ترقي) ڪنهن چين جي ننڊ ۾ ستل کي ڇهنبڙي جيئن آهي. فطرتي زندگي ۾ جيڪر مصنوعي حُربا حاوي ٿي پون تہ پوءِ جيون جي پيچرن ۾ ريگزاريون وڌي ويندي‌يون آهن. نام نهاد جديد دنيا جيتري ماڊرن مواصلاتي نظام سان سلهاڙيل آهي ، سچ تہ اُتي ويڇا ۽ وڇوٽيون اوتريون ئي وڌيڪ آهن. جديديت جي جلون سان اوتيل هي سماج توڙي جو انٽرنيٽ ۽ موبائيل نيٽ ورڪ سان ڳنڍيل آهي ، پر دلين ۾ ڪاراڻ ڪري زنگيل ذهنن ۽ ڏنگيل سوچن اندر ڪا ڪرشماتي ڪشش ، سچ ۽ صداقت جي سڪ ناهي رهي. اُها ٻَرڪ واري اک ڪٿي؟ ذهن جو ڪمپيوٽر بہ وائرس جي ور چڙهي ويو آهي. ڪيبل ڪلچر تفريح ۽ معلومات بجاءِ ذهني ڏيوالپڻي جو سبب بڻيو آهي. ٻارڙن کان ٻڍن جون تصوراتي آڪاٽيون ويون. ڇا تہ سڪون هو ماءُ جي لولي ۾! سڪونيت جون سوين ڪائناتون جُڙي ويندي‌يون هيون. امڙ جي لولي بازار ۾ ملندڙ رانديڪن ور چڙهي ويئي آهي. اڄ جي امان لولي جي لات لنوڻ کان لاچار آهي. لولي جي سُر ۾ عزت، سڪون ۽ سلامتي جي جَهنڪار هئي. اڄ ڌنارن کان بانسريون وسري ويون ، هارين کان همر ڇا هليا ويا، جديديت زراعت ۽ باغباني کي برباد ڪري ڇڏيو آهي ، هرڻن کان ڇال ڇڏائجي ويا ، مور جي ٺهوڪن سامهون بندوق جا نال تاڻيا ويا آهن.

سچ اُپري، لڙي وڃي ٿو پڇتاءُ جا پاڇا گهيري وڃن ٿا ، زندگي تہ هاڻي لولي لَپَ ۾ مهانگي ٿي ويئي آ. ڪو وقت هو آئي لَپَ جو اونو ڪين هو. ٿلهي تي سارين ، ڪڻڪ جا گدام هوندا هئا ، اولاد وڪڻڻ جون صدائون بازارن ۾ نہ ٻڌبيون هيون. احساس غربت ۽ عزت جيءُ ڪين جهوريندو هو ، سرعام گوليون ، لهو سان هوليون نہ هيون ، مائرون پٽن جا لاش وصول ڪرڻ جون حيراڪ نہ هيون. ڪرنسي جو راڄ نہ هو ضميرن تي زنگ چڙهيل نہ هئا. ڀائپي، رواداري ۽ پريت جون پچارون هيون ، سڪون هو. خلوص هو ، ٻول ٻهڪي اُٿندا هئا ،قول ڪسو ڪين ڪبو هو. هرجگهہ ، هر جاءِ پنهنجائپ نظر ايندي هئي ، مرڪي ملبو هو معصوميت هوندي هئي، مصنوعيت نہ هئي ، ماڻهپو محبت جو هيراڪ هو ، رستا رولاڪ نہ هئا ، جتي نہ پراوت پروان چڙهيل هئي ، نہ منافقت مقروض هئي ، هاڻي اهو ائين نہ رهيو آهي ، زمانو بدلجي ويو آهي ، وقت جو واهرو تيزي سان شين ۽ سوچن جا رخ موڙي رهيو آهي ، اياز بہ ائين چئي ٿو ،

وئي جواني ، وئي جواني تيز ٻرانگهون پائي .
وهندو پاڻي، لهندي ڇايا،ڪير سگهي ترسائي .

وقت جو واءُ شين ۽ سوچن کي تبديل ڪري ٿو پر سٺين روايتن کي بہ تہ جياري سگهجي ٿو. هر ڪوئي پنهنجي پتي آهر رول ادا ڪري سگهي ٿو. 2012 ع اها تقاضا ڪري ٿو تہ سک ۽ شانتي ، امن ۽ انسانيت جي اعليٰ قدرن جي پوئيواري ڪريون. اهو ماضي موٽي سگهي ٿو. اها اُلفت اُٿي سگهي ٿي ، اسان صرف لب ولهجي سان بہ ٻول چڱا چئي "جيئو ۽ جيئڻ ڏيو" جو درس ڏئي سگهون ٿا ، اڇوتہ زندگي جي پڙپانگ ۽ پيلاڙيل ريگزارن ۾ سڪ سپت ،سچ ۽ سونهن جو سبق ڏيئي چمن ۾ مهڪ ملهاري ملهايون. اسان نئين صبح ، نئين سال کان بهتر اتمنائون ڪريون ٿا.

# ٿر جي ڪوئلي جي ترقي ۾ ڪهڙي رڪاوٽ آهي....؟

ڪاڻائو جاني

جيتوڻيڪ ٿر جي ڪوئلي جو دريافت ٿيل 175 بلين ٽن ذخيرو نه رڳو دنيا جو ستون نمبر وڏو ذخيرو شمار ڪيو وڃي ٿو پر ٿر ۾ دريافت ٿيل لگنائٽ ڪول دنيا جي سمورن ملڪن جيان بجلي پيدا ڪرڻ لاءِ انتهائي موزون قرار ڏنو ويو آهي، ۽ سڄي دنيا جي سمورن ملڪن ۾ لگنائٽ ڪول جو ذخيرو ڪل ملائي 149.86 ملين ٽن آهي، جڏهن ته اسان جي ٿر جي لگنائٽ ڪول جو ذخيرو انهي جي ڀيٽ ڪان به وڌيڪ آهي. ٿر جي ڪوئلي جي ڪوائلٽي تي هاڻي ڪوشڪ يا انومان ۽ اجايو بحث انهيءَ ڪري ڪرڻ مناسب عمل ڪونهي، ڇاڪاڻ ته ٿر جي ڪوئلي جي دنيا جي اهم انٽرنيشنل ليبارٽري ڇڪاس رپورٽن ۾ ٿر جي ڪوئلي کي لگنائٽ ڪول قرار ڏيندي انهيءَ کي نه رڳو بجلي پيدا ڪرڻ لاءِ انتهائي موزون قرار ڏنو ويو آهي، پر ساڳي طرح ڪجهه ڪمپنين طرفان ٿر ڪول جي مختلف بلاڪن جي فزيبلٽي رپورٽن ۾ ٿر جي ڪوئلي کي بجلي، گئس ڪانسواءِ آئل، سيمينٽ وغيره جي ڪارخانن سميت مختلف 52 شين ۾ استعمال لائق به ڄاڻايو ويو آهي. باقي رهي ڳالهه اسان جي نالي واري اديب عبدالقادر جوڻيجو طرفان ڪجهه ڏينهن اڳ ڪاوش ۾ "ٿر ۽ ڪوئلو" جي عنوان سان لکيل مضمون ۾ ڪيل اها ڳالهه ته جيڪڏهن ٿر جو ڪوئلو ايترو قيمتي هجي ها ته هيستائين ٿر ۾ غير ملڪي ڪمپنين جو وڏو ڀڙڪو متل هجي ها. جيتري قدر دنيا جي سيڙپڪار ڪمپنين جي ٿر ڪول جي ترقي ۾ ڪا گهڻي دلچسپي نه وٺڻ جو سوال آهي ته اسان جي بدقسمتي اها آهي ته ٿر جو ڪوئلو تيل ۽ گئس جي مافيائن جي سازشن ۽ مختلف دور حڪومتن ۾ سياسي عدم استحڪام وارين حالتن جو شڪار ٿي، هڪ پيچيده معاملو بڻجي ويو آهي، جنهن جي ڪري ٿر ڪول جو ايڏو وڏو معدني ذخيرو توانائي جي ڪوٽ پوري ڪرڻ لاءِ استعمال ۾ نه اچي سگهيو آهي. حالانڪ ڏٺو وڃي ته هن وقت به سڄي دنيا ۾ استعمال ٿيندڙ 41 سيڪڙو بجلي ڪوئلي مان پيدا ڪئي وڃي ٿي، ۽ ٻيو نمبر تي گئس مان ۽ ٽيون نمبر تي پاڻيءَ مان ۽ 16 سيڪڙو نيوڪليئر مان ۽ باقي 2 سيڪڙو ٻين ذريعن مان بجلي پيدا ڪئي وڃي ٿي. پر اسانجي ملڪ ۾ ڪوئلي جو انتهائي وڏو ذخيرو هجڻ باوجود ۽ بجلي جو شديد بحران هجڻ باوجود صرف هڪ سيڪڙو به مشڪل سان ڪوئلي مان بجلي پيدا ڪئي وڃي ٿي.

جيڪڏهن ٿر جي ڪوئلي جي استعمال لاءِ حڪومت پاليسي جوڙي عمل ڪرائي ته ٿر جي ڪوئلي جي منصوبي مان پيدا ٿيندڙ روزگار توڙي رائلٽي جو ڀهريون حق ٿرواسين جو آهي ۽ بجلي توڙي گئس اتان جي ماڻهن کي مفت ڏني ويندي ۽ انهن جون ڪوئلي ايراضيءَ ۾ ايندڙ زمينون توڙي ڳوٺ وغيره جو مارڪيٽ ريٽ سان معاوضو ڏيئي، اها پراپرٽي هنن کان ليز تي ورتي وڃي. اهڙي پاليسي جوڙڻ سان نه رڳو ٿر آباد ۽ خوشحال ٿي سگهي ٿو پر سڄي سنڌ ۽ پوري ملڪ جي معشيت کي فائدو ٿيندو. اهڙي طرح انهي حقيقت کان به انڪار نٿو ڪري سگهجي، ته ملڪي وسيلن جي ورڇ اڻبرابري جي بنياد تي ٿيڻ جي ڪري ۽ وڏ ۾ وڏ معدني وسيلن جي پيدوار ڏيندڙ ننڍن صوبن سان ناانصافي ٿيڻ جي ڪري انهن ۾ احساس محرومي پيدا ٿي آهي. انهي ڪري جتي معدني ذخيرا دريافت ٿيا آهن، اتان جي ڪجهه سياسي سماجي حلقن جو اهو به خيال آهي، ته معدني وسيلن جي ترقي پر ڪنهن جي لاءِ؟ جيڪڏهن اها معدنيات اسان مقامي ماڻهن کي ڪو فائدو نٿي ڏيئي سگهي، ته پوءِ انهي جي استعمال جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ منهنجو خيال آهي ته گهڻي ڀاڱي سڄي دنيا جي ملڪن ۾ وسيلن جي ونڊ ورڇ ۾ اڻبراري جهڙا اندروني

معاملا مسئلا موجود هوندا آهن. پر انهيءَ جو مقصد اهو قطعي نہ هجڻ گهرجي، تہ اسان دنيا جي تيز رفتار ترقي جي ڊوڙ کان غافل ٿيڻجي ويهي رهون، ۽ توانائي جي سخت بحران پوڻ باوجود ملڪي معاشي چيلنج کي منهن ڏيڻ لاءِ رٿابندي ڪرڻ بدران پنهنجو نقصان ڪندا رهون. هاڻي اسان ٿر جي ڪوئلي جي ڪوائلٽي بابت انٽرنيشنل ليبارٽرين جي تحقيقي رپورٽن آڌار ڪوئلي جي ٽيڪنيڪل پاسن جو تذڪرو ڪريون ٿا.

سڀ کان اول ڳالهہ تہ دنيا ۾ ڪوئلي جا چار قسم شمار ڪيا وڃن ٿا، جنهن ۾ نمبر (1) پيٽ ڪول (peat coal) جيڪو پاڻ وغيره جهڙو مادو ٺاهڻ لاءِ ڪم آندو وڃي ٿو ۽ اهو مادو زمين کي ذرخيز بنائڻ لاءِ استعمال ٿيندو آهي، انهي کانپوءِ نمبر (2) لگنائٽ ڪول (lignite coal) جيڪو اڪثر ڪري بجلي پيدا ڪرڻ لاءِ استعمال ۾ آندو ويندو آهي نمبر (3) بٽيومينس ڪول ( bituminous coal) جيڪو اڪثر ڪري اسٽيل ۽ بجلي وغيره پيدا ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي ۽ (4) نمبر تي اينٿرا سائيٽ ( anthracite coal) آهي جيڪو تمام گهٽ استعمال ٿئي ٿو.

ٿر جي ڪوئلي جو جائزو:

ٿر جي ڪوئلي ۾ نمي 29.6 کان وٺي 55.6 تائين آهي، ۽ وولٽائيل ميٽر 23.1 کان وٺي 36.6 تائين آهي. انهيءَ کانسواءِ فڪسڊ ڪاربان 14.2 کان وٺي 34 سيڪڙو تائين آهي، ۽ رک 2.9 کان وٺي 11.5 تائين آهي. ساڳي طرح سلفر 04 کان وٺي 2.9 تائين آهي.۽ ٿر جي ڪوئلي جي هيٽنگ ويليو 10111 بي ٽي يو پر پائونڊ آهي، جيڪا نمي کي الڳ ڪرڻ کانپوءِ 19 هزار بي ٽي يو پر پائونڊ تائين پهچي سگهي ٿي، جڏهن تہ عام طور تي لگنائيٽ ڪول جي هيٽنگ ويليو لڳ ڀڳ چار هزار کان 83 سئو بي ٽي يو پر پائونڊ هوندي آهي. انٽرنيشنل لگنائٽ انرجي ڪائونسل مطابق 13.5 سيڪڙو لگنائٽ ڪول مان بجلي پيدا ڪئي وڃي ٿي 7.5 سيڪڙو مان امونيا بيسڊ فرٽيلائيزر (ڀاڻ) پيدا ڪرڻ لاءِ استعمال ٿئي ٿو ۽ بقايا بجلي پيدا ڪرڻ لاءِ استعمال ٿئي ٿو. سو اهڙي طرح ٿر جي ڪوئلي کي لگنائٽ ڪول قرار ڏيندي بجلي پيدوار لاءِ موزون قرار ڏنو ويو آهي. اهڙيءَ ريت اهو پڻ ثابت ٿئي ٿو تہ ٿر جي لگنائٽ ڪول کان تمام گهٽ ڪوائلٽي رکندڙ ڪوئلي مان بہ دنيا جا ڪيترائي ملڪ بجلي پيدا ڪري رهيا آهن. پر بدقسمتي سان گذريل 20 سال اڳي دنيا جو ستون نمبر وڏو ذخيرو ٿر ڪول دريافت ٿيڻ باوجود اسان جي ملڪ ۾ صرف هڪ سيڪڙو بجلي ڪوئلي مان پيدا ڪئي وڃي ٿي، جڏهن تہ پوري دنيا ۾ 41 سيڪڙو بجلي ڪوئلي مان پيدا ڪئي وڃي ٿي. انٽرنيشنل انرجي ايجنسي مطابق رڳو هڪ سال ۾ سائوٿ آفريڪا 93 سيڪڙو بجلي ڪوئلي مان پيدا ڪري ٿو. ساڳي طرح پولينڊ 92 سيڪڙو چائنا 79 سيڪڙو آسٽريليا 77 سيڪڙو ڪازڪستان 70 سيڪڙو انڊيا 69 سيڪڙو اسرائيل 63 سيڪڙو ڪزڪ ريپ 60 سيڪڙو موراڪو 55 سيڪڙو يو ايس اي 49 سيڪڙو جرمني 46 سيڪڙو گريس 52 سيڪڙو بجلي ڪوئلي مان پيدا ڪري ٿو. جڏهن تہ ورلڊ بئنڪ جي هڪ ورلڊ ڪول سروي رپورٽ موجب دنيا جي جن ٽوٽل ملڪن ۾ لگنائٽ ڪول جا اسان جي ٿر واري لگنائٽ ڪول جهڙا ٽوٽل 149.86 ملين ٽن ڪوئلي جا ذخيرا آهن. انهي ۾ آسٽريليا 37.3 ملين ٽن، يوايس اي 3.24 ملين ٽن، چائنا 18.6 ملين ٽن، سربيا (ڪوسوو) 13.5 ملين ٽن، رشيئن فيڊريشن 10.45 ملين ٽن، جرمني 6.56 ملين ٽن، انڊيا 4.6 ملين ٽن، گريس 3.9 ملين ٽن، ڪازڪستان 3.13 ملين ٽن، هنگري 2.93 ملين ٽن ڪوئلو شامل آهي. پوءِ بہ اسان کي اهڙو غلط ميسيج نہ ڏيڻ گهرجي، تہ ٿر جو ڪوئلو جيڪڏهن بهتر ڪوالٽي جو هجي ها تہ دنيا جون انٽرنيسنل ڪمپنيون سيڙپڪاري لاءِ ڇو نہ اچن ها؟

# پراڻ ڍوري جو اپياس ڪرايو وڃي....!!

محمد موسيٰ ملڪاڻي

سيڊا ۽ آبپاشي واري کاتي طرفان گذريل برساتن ۾ ڍورن کي ٻيهر تعمير ڪرڻ واري عمل کي ساراهيو پيو وڃي تہ ڍورن جي ري ماڊلنگ ڪرڻ سان پراڻ جي ڪنڌيءَ تي آباد شهر ۽ ننڍا وڏا ڳوٺ ايندڙ امڪاني ٻوڏ کان بچي ويندا ۽ گهٽي نقصان کان پڻ بچي ويندا. ڍوري کي شڪور ڍنڍ تائين ملائڻ لاءِ جيڪا رٿا رٿي ويئي. ان ۾ ڪجهہ آبادگار طبقو متاثر ضرور ٿيندو ڇو تہ قديم دور کان ڍوري جو پاڻي سمنڊ ۾ ڇڏيو ويندو هو ڍورو درياءَ جي هڪ چاڙهہ آهي، جيڪو سکر کان سنڌو دريا مان نڪري وڃي رڻ ڪڇ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو ڍوري جي اصل ماپ ويڪر تقريبنا (2000) ٻہ هزار فوٽ کان مٿي آهي، اهو ڍورو نئون ڪوٽ وٽ هن وقت 50 فوٽن جو نالو وڃي بچيو آهي ڇو تہ ڍوري سان لڳندڙ زميندارن ڍوري کي سوڙهو ڪري پنهنجو زمينون آباد ڪري ڇڏيون آهن هن وقت حڪومت اهڙن قبضا گروپ خلاف زبردست قانون پاس ڪيو آهي ۽ ڏنڊ ۽ سزا مقرر ڪئي ويئي آهي پر وري بہ علائقي جا با اثر ماڻهو پنهنجي اثر رسوخ تي اصلي ماپ کان صرف ڇوٽون حصو وڃي بيهارين تہ بہ علائقو ايندڙ وڏي تباهي کان بچي سگهي ٿو آبپاشي ۽ سيڊا جي رٿابندي موجب 277 آر ڊي کان پراڻ ڍوري کي ايل بي او ڊي سان ملائڻ لاءِ ساڍا ڇهہ ڪروڙ خرچ ڪيا ويندا. جڏهن تہ پاڻي ماهرن جي رپورٽ موجب لاڙ ۽ اتر جي پراڻن ڍورن کي وري ساڳئي حالت ۾ آڻڻ ۽ مرمت لاءِ 23.495 ارب روپيا رکيا ويا آهن. انهن ڪمن ۾ کوٽائي، نيون اڏاوتون ۽ بندن کي مضبوط ڪرڻ پڻ شامل آهي اها رٿا پنجن سالن ۾ مڪمل ڪرڻي آهي. پراڻ ڍوري جي مرمت ۽ ان کي ويڪرو ڪيو وڃي تہ علائقو وڏي تباهي کان بچي سگهي ٿو. پراڻ ڍورو ٻارنهن ئي مهينا علائقي کي فائدو ئي ڏيندو رهيو آهي. اڳاٽي زماني ۾ جڏهن برساتون ايندڙيون هيون تہ واهن جو پاڻي ڍوري ۾ کوليو ويندو هو. ان پاڻي جي ڪري ڪيترائي پڪي ايندا هئا ۽ مڇي بہ بي حساب هوندي هئي، وڻ ۽ ٻيلا سلامت هوندا هئا. ملاح ٻيڙيون هلائيندا هئا ۽ مڇي تي گذر سفر ڪيو ويندو هو صدر ايوب خان جي دور ۾ ڍوري کي سوڙهو ڪرائي صرف پنجاهہ فوٽن جو نالو نهرائي ڇڏيو. ان کان بچيل باقي ڍوري جي زمين تي علائقي جي زميندارن قبضا ڪري پنهنجون زمينون آباد ڪري ڇڏيو ۽ ڍوري جا نشان ئي ختم ٿي ويا آهن. هي ڍورو هن علائقي جو خزانو آهي جڏهن برساتون پونديون آهن تہ برساتي پاڻي ۽ واهن جو پاڻي ڍوري ۾ ڇڏيو ويندو آهي، جتان سم نالين ذريعي اهو سمنڊ ڏانهن روانو ڪيو ويندو آهي. اگر انهيءَ ڍوري جي حفاظت ۽ مرمت ڪري اهو پاڻي ڍوري ۾ ئي جمع ڪيو وڃي تہ ڍوري جي ٻنهي ڪنارن جي زمينن ۾ هرمند جا فصل پوکي سگهجن ٿا. ڍوري ۾ جمع يا ذخيرو ٿيل پاڻي لفٽ مشينن وسيلي آبادگارن پنهنجون زمينون آباد ڪري پنهنجو بهترين گذر سفر ڪري سگهن ٿا. گورنمينٽ پاڻي ذخيرو ڪرڻ لاءِ ڪئين ڊيم ٺاهڻ جو پروگرام ٺاهي رهي آهي. آئون هڪ غريب آبادگار ۽ سوشل ورڪر جي حيثيت ۾ سيڊا ۽ آبپاشي کاتي کي اها تجويز ڏيندس تہ ڍوري پراڻ جو اپياس ڪرايو وڃي ۽ انهيءَ ڍوري کي ڊيم جي شڪل ڏيئي سم نالين ۾ ڍوري جو پاڻي جتي ڇوڙ ڪري ٿو اتي وڏا گيٽ لڳايا وڃن اگر ٻوڏ يا گهڻو پاڻي ٿي وڃي تہ گيٽ مٿي ڪري پاڻي جو چاڙهہ گهٽ ڪري، باقي پاڻي کي ليول تي رکيو وڃي، اهو پاڻي زراعت لاءِ وڏي سپورٽ آهي. ڪيترائي غريب هاري خوشحال ٿي سگهن ٿا حڪومت کي گهرجي تہ ڍوري جي قبضا ٿيل زمين خالي ڪرائي ڍوري کي اصل حالت ۾ آڻي تہ اهو ڍورو وڏي ڊيم جو ڪم ڏيئي سگهي ٿو. لاڙ ۾ اهو ڍورو الله جي طرفان هڪ نعمت آهي. ٿورو خرچ ۽ سٺي رٿابندي ڪئي وڃي تہ ڍورو ڊيم جي شڪل ۾ تيار ڪري، پاڻي ضايع ٿيڻ کان بچائي، برسات جي مند ۾ واڌو پاڻي ڍوري ۾ ذخيرو ڪيو وڃي، ان کانسواءِ انهيءَ ڊيم تي بجلي جو پاور پلانٽ پڻ ٺهي سگهي ٿو. جيڪو سڄي ٿر کي بجلي مهيا ڪري سگهي ٿو.

# خوراڪ ۽ پاڻي جي بحرانن جي ور چڙهيل سنڌ ..!!!

پروفيسر محمد اسماعيل ڪنڀر

انسان جي بقا لاءِ پاڻي ۽ کاڌ خوراڪ اهم جز آهن. هونئن به پاڻي دنيا جو ٻج آهي ۽ جڏهن پاڻي جي قلت محسوس ٿئي ٿي ته ان ڪي دنيا جي هر شيءَ جو بحران سمجهيو وڃي ٿو اسان وٽ جتي وڌندڙ آبادي ۽ محدود قدرتي وسيلن سبب زلزلن، ٻوڏن ۽ برساتن جو حد کان وڌيڪ پوڻ، موسمي ۽ ماحولياتي تبديلين جي اثرن سبب ملڪ ۾ غذائي بحرانن گهر ڪنيون آهي اتي پاڻي جيڪو ڌرتيءَ تي زندگي لاءِ اهم شين مان هڪ آهي، اهو هاڻي صاف پاڻي عام طور تي پيئڻ جي صاف پاڻي جي ملڻ تائين رسائي نه فقط بنيادي ضرورت آهي، پر صحتمند زندگي جو بنيادي شرط پڻ آهي، جيڪو انساني حقن ۾ شامل آهي. پر هن وقت سنڌ ۾ صاف پاڻي جي ملڻ ۽ پاڻي جي صفائي واري صورتحال باقي ملڪ جي ڀيٽ ۾ ڏاڍي افسوسناڪ آهي، 70 سيڪڙو کان مٿي جر جو پاڻي ڪارو هئڻ سبب ٻهراڙي ۾ رهندڙ ماڻهن جي فقط 10 سيڪڙو ماڻهن کي صاف پاڻي ملي ٿوهڪ اندازي موجب ملڪ ۾ پاڻي سان تعلق رکندڙ بيمارين جو کاتو 300 ملين روپيا روزاني جي حساب سان خرچ ٿئي ٿو سنڌ جي ٻهراڙي ۾ پيئڻ توڙي گهريلو سطح تي استعمال ٿيندڙ پاڻي پيئڻ جي معيار کان تمام گهٽ آهي، دريائن ، واهن، ڍنڍن ڍورن توڙي زمين جي مٿئين سطح وارو پاڻي زهريلن ڪيميائي مادن، دوائن شهرن توڙي ڪارخانن مان نڪتل گدلاڻ کي صاف پاڻي ۾ ڇوڙ ڪرائڻ سبب انهيءَ پاڻي جا سڌا سنوان اثر انهن جي صحت تي پون ٿا. جنهن سان انساني زندگي جي اقتصاديت جو وڏو نقصان ٿئي ٿو غريب ۽ مسڪين ماڻهن جن جي اڪثريت ٻهراڙي يا شهرن ۾ رهي ٿي، اهي نه فقط کاڌ خوراڪ جي کوٽ ۽ مالي وسيلن کان محروم آهن پر گڏوگڏ گندو پاڻي واپرائڻ سبب اجان به وڌيڪ جاني توڙي مالي نقصان جو شڪار ٿين ٿا. جڏهن ته سنڌ اڳ ۾ ئي ماحولياتي دهشتگردي جي وڙ چڙهيل آهي، جتي سنڌ صاف پاڻي کان محروم آهي، اتي سنڌ جي شهه رڳ سنڌو درياهه سان لاڳاپيل بئراجن، واهن، شاخن ۾ گندگيءَ پاڻي واهائڻ سبب نتيجي ۾ پاڻي جا ڪيترائي وسيلا گندا ٿجي ويا آهن، روهڙي شهر جي گندگي جو ڇوڙ سنڌو ندي ۾ گهوٽڪي شهر جي گندگي جو ڇوڙ ڍنگرو واهه گهوٽڪي خيرپور ميرس جي گندگي جو ڇوڙ روهڙي ڪئنال ۾ راڻيپور شهر جي گندگي جو ڇوڙ پنجاري، قليلي ۽ اڪرم واهه لاڙڪاڻي شهر جي گندگي جو ڇوڙ رائس ڪئنال ۽ گهارا واهه ۾ وارهه واهه شهر جي گندگي جو ڇڙ وراهه برانچ شهداد ڪوٽ ۾ سن شهر جي گندگي جو ڇوڙ سنڌو ندي ۾ سيوهڻ شهر جي گندگي جو ڇوڙ سنڌو ندي ڄامشورو شهر جي گندگي جو ڇوڙ ڪي بي فيڊر ڪوٽري شهر ۽ صنعتي علائقي جي گندگي جو ڇوڙ ڪي بي فيڊر ٽنڊو محمد خان شهر جي گندگي جو ڇوڙ قليلي ڪئنال ۾ گندگي جو ڇوڙ نصير واهه ڪراچي شهر جي گندگي جو ڇوڙ ملير ۽ لياري ندي ۾ ڪيو وڃي ٿو، مٿئين تفصيل مان معلوم ٿيندو ته پنڌرنهن کان مٿي شهرن جي گندي پاڻي سان گڏوگڏ ڪارخانن جو زهريلو پاڻي جڏهن صاف پاڻي ۾ ڇوڙ ڪرايو وڃي ٿو ته اهو پاڻي جڏهن عام ماڻهن جي روزمره جي زندگي ۾ استعمال کان علاوه گهريلو استعمال پوکي سان گڏوگڏ جانور ۽ مال متاع لاءِ استعمال ۾ اچي ٿو ته اهو غلاظتن سان ڀرپور زهريلو پاڻي زندگي کي جوت بخشڻ بجاءِ موت جي اونهي ۾ اڇلائي ڇڏي ٿو، هوئين به سنڌ جي اڪثر ٻهراڙين ۾ رهندڙ انساني مخلوق پيئڻ توڙي گهريلو استعمال لاءِ پاڻي جو گهڻو ڏارومدار آبپاشي جي واهن، دريائن ۽ ڍنڍن جي پاڻي تي آهي. پاڪستان جي پاڻي وسيلن ۽ کوجنا باري ڪائونسل جي تحقيق موجب 40 سيڪڙو بيمارين جو لاڳاپو پاڻي سان آهي جڏهن ته ماهرن جي تحقيق موجب اٽڪل 200 کان مٿي اهڙيون بيماريون آهن جيڪي پيئڻ جي صاف پاڻي نه هجڻ سبب ٿين ٿيون. زهرن ۽ تيزابيت سان ڀرپور پاڻي نه صرف انساني جسم جي مدافعتي نظام کي بگاڙي انساني جسمن جي اهم عضون کي خراب ڪري ٿو، پر وات ۽ گلي جي بيمارين سان

گڏوگڏ گردن جو خراب ٿيڻ، جيري جون بيماريون ڪينسر، هيپاٽائٽس ٿيومر، ذهني ڪمزوري ڪالرا دست وغيره شامل آهن. پر جڏهن وهجڻ سان چمري جون بيماريون پڻ پيدا ٿين ٿيون جيڪي انساني سونهن سگهه کي متاثر ٿيڻ سان گڏوگڏ انسان خود موت جو شڪار ٿئي ٿو جڏهن ته هڪ اندازي موجب ملڪ ۾ 2 لک ٻار هر سال فقط پيٽ جي بيماري سان مري وڃن ٿا. جڏهن گندي پاڻي جي واهپي سبب گهڻو ڪري شهرن توڙي ٻهراڙين جا غريب ماڻهو وڏيڪ متاثر ٿين ٿا. جيڪي سراسري طور صاف پاڻي نه ملڻ سبب پاڻي جي مرضن جو شڪار ٿين ٿا. پاڻي نه صرف اناج جي پيداوار سان گڏوگڏ ڀاڄين ميون جي خوراڪ وارن فصلن جهڙوڪ گاهن سان گڏوگڏ جانورن لاءِ پڻ ايترو لازمي آهي جيترو انسان لاءِ اهي ئي جانور جيڪي پڻ انساني خوراڪ جو ذريعو بڻجن ٿا. قدرتي وسيلن مان پاڻي، زمين ۽ ٻيلن جي کوٽ وڌندڙ آبادي جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ ۾ اهم رڪاوٽ آهي. هڪ اندازي موجب دنيا جي 3.5 بلين آبادي کي 2030ع ۾ پاڻي جي شديد کوٽ کي منهن ڏيڻو پوندو ۽ اهي ملڪ جتي پاڻي سان لاڳاپيل مسئلن کي وڌيڪ منهن ڏيڻو پوندو ان ۾ اسان جو ملڪ پاڪستان پڻ شامل آهي، خوراڪ ۽ پاڻي جي کوٽ واري صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ اسان کي اکيون کولڻ گهرجن. حڪومت توڙي سول سوسائٽي کي ماڻهن کي پيئڻ جي پاڻي تي سندن حق جي سڪيا ڏيڻ لاءِ وڏي پيماني تي سجاڳي واري سڏ سان گڏوگڏ جر توڙي زمين جي مٿاڇري واري پاڻي جي اهميت کي محسوس ڪندي پاڻي جي صفائي جا قومي معيار مقرر ڪيا وڃن، جيڪي ورلڊ هيلٿ آرگنائيزيشن جي معيارن وانگر هجن. سنڌ ۾ پاڻي جي وسيلن جي گدلاڻ ۽ صاف پاڻي کي گندي ٿيڻ کان بچاءُ لاءِ حڪمت عمليون جوڙيون وڃن. سنڌ جا تباهه ٿيل ڪاتا جن ۾ ضلعا، ٽائون ميونسپل، يونين ڪائونسلن، ماحول جي بچاءُ واري ايجنسي، لوڪل گورنمينٽ ۽ ڳوٺاڻي ترقي واري کاتي کي فعال ڪري، سنڌ جي ٻهراڙين ۾ صاف پاڻي کي يقيني بڻايو وڃي، ته جيئن سنڌ جو غريب ۽ مسڪين ماڻهو صاف پاڻي حاصل ڪري پنهنجي زندگي بسر ڪري سگهي.

---

# سامي فائونڊيشن جون ٽه ماهي سرگرميون

جنوري کان مارچ 2012 تائين سامي فائونڊيشن عمرڪوٽ ۽ ايڪشن ايڊ جي سپورٽ سان هلندڙ ترقياتي سرگرميون ٽر جي 9 ڳوٺن ايل – آر– پي 34 جنهن ۾ مختلف شعبن تي ڪم هلي رهيو آهي . ماڻهن ۾ شعور بيدار ڪرڻ خاص ڪري ٽر جي عورتن جي لاءِ جيڪي تمام گهڻي محنت ڪندڙ آهن.انهن جي حقن جي پاسداري لاءِ جاڪوڙڻ ته جيئن انهن کي برابري جي بنيادن تي معاشري ۾ عزت ملي سگهي . ايل–آر– پي 34 جي ماڻهن جي صلاحيت ۾ جاڻ ۾ اضافي لاءِ مختلف قسمن جون گڏجاڻيون ورڪشاپ منعقد ڪيا ويا ته جيئن اهي پنهنجي مسئلن جي حل لاءِ لاڳاپيل ادارن ۽ ماڻهن سان مثبت رابطا ڪاري ڪري سگهن جنهن سان ڳوٺن جي ترقي ۾ هٿي وٺرائي سگهجي.

**مجموعي صورتحال**

- **صحت**

ايل ، آر. پي 34 عمرڪوٽ جي نون . 9. ڳوٺن مان صرف ٽي ڳوٺ آهن. جن ۾ گورنمنٽ جي طرفان صحت مرڪز ڊسپينسري آهن . جتي مقرر ڪيل ڊسپينسر هفتي ۾ ٽي ڏينهن اچن ٿا. سامي فائونڊيشن عمرڪوٽ جي هيلٿ ٽيم پاران هيلٿ سيشن پڻ ڪيا وڃن ٿا.جيئن عورتن جي صحت بهتر ٿي سگهي ۽ سجاڳي جو عمل پڻ برقرار رهي.

## • انتظامڪاري

ايل . آر . پي جي ماڻهن ۾ سماجي، معاشي ۽ سياسي ڪردار ڪي سگهارو بنائڻ لاءِ ڪم ڪرڻ تہ جيئن اهي پنهنجا جائز حق گورنمنٽ کان وٺي سگهن. ۽ هڪ تنظيمي شڪل جي صورت ۾ ڳوٺن جي مسئلن ڪي حل ڪرڻ . ماڻهن ۾ سجاڳي آڻڻ تہ جيئن اهي معاملن ۽ مسئلن ڪي سمجهي سگهن . ۽ انهن جي ڇڪاس ۽ شفافيت ڪرڻ ڄاڻن جنهن سان مسئلا حل ٿي سگهن. ۽ ڳوٺ جي ترقي ڪي ممڪن بڻائي سگهن.

## • وومين رائيٽس

جيئن تہ ملڪ جي ٻين علائقن جي ڀيٽ ۾ ايل، آر. پي،ٿر جون عورتون وڌيڪ محنت ڪندڙ آهن.۽ ڇو تہ انهن ڪي ، اڃان تائين پنهنجن حقن جي حوالي ايتري ڄاڻ نہ آهي.ان ڪري اهي تعليم جي ميدان ۾ تمام پٺتي پيل آهن. سامي فائونڊيشن پاران انهن ڪي پروموٽ ڪيو پيو وڃي. تہ جيئن اهي پنهنجي مسئلن ڪي سمجهي سگهن. ۽ حل ڪرڻ لاءِ جاڪوڙين.

### ▪ مقصد

ايل، آر. پي 34 جي ڳوٺن ۾ اسڪول وڃڻ جيڏن ڇوڪرن ۽ نياڻين جي داخلا اسڪولن ۾ يقيني بنائڻ ۽ معياري تعليم تي زور ڏيڻ ، ۽ ٻارن ڪي اسڪولن ۾ دوستاڻو ماحول فراهم ڪرڻ ۽ جسماني سزائن ڪي ختم ڪرڻ ملڪ جي ٻين علائقن جي ڀيٽ ۾ ٿر جون عورتون تمام گهڻي محنت ڪندڙ آهن.۽ انهن ڪي پنهنجي حقن جي ڄاڻ نہ آهي.تعليم تہ ٿر جي عورتن ۾ بلڪل نہ هئڻ جي برابر آهي. سامي فائونڊيشن ۽ ايڪشن ايڊ عورتن جي ڀلائي ڪم ڪري رهيون آهن.تہ انهن ڪي پنهنجي حقن جي ڄاڻ هجي ڇو تہ ٿر جون عورتون گهر کان وٺي ٻني ٻاري تائين سڀ ڪم ڪن ٿيون.ان ڪري اهي عورتون تمام ڪمزور ۽ غير صحتمند آهن ۽ انهن ۾ وڌيڪ ڪاڏ خوراڪ جي ڪمي پڻ نمايا ن هوندي آهي. ۽ اهي عورتون گهڻين مشڪلاتن ڪي منهن ڏيئي رهيون آهن.

## • تعليم

انهن ڳوٺن سامي فائونڊيشن ۽ ايڪشن ايڊ جي سرگرمين کان پهرين نہ هئڻ جي برابر هئي، ڇوڪرين ڪي پڙهائڻ جو تہ تصور ئي ڪونہ هو. سواءِ چند خاندانن جي. هاڻي پهرين کان صورتحال مختلف آهي.ڇو تہ هاڻي انهن ڳوٺن ۾ سامي فائونڊيشن ۽ ايڪشن ايڊ جي تعاون سان ايل، آر ،پي جي سيني ڳوٺن ۾ نياڻين جا اسڪول کوليا ويا. جنهن ۾ ڳوٺن جون نياڻيون تعليم جهڙي زيور سان نوازجي رهيون آهن، تعليم. ايل، آر ، پي34 جي ڳوٺن ۾ اڃان تائين مسئلو آهي. ٻارن ڪي معياري تعليم نہ ملي رهي آهي. ڇو تہ هڪ ڳوٺن ۾ تعليم جي لاءِ گهربل اسڪول ناهن ۽ جيڪڏهن آهن تہ اتي معياري تعليم نہ هوئڻ جي برابر آهي. ڇاڪاڻ تہ استادن جي کوٽ ۽ جيڪڏهن ٽيچر آهن تہ اهي ٽرينڊ نہ آهن.انهي صورتحال ۾ خاص ڪري نياڻين جي تعليم متاثر ٿي رهي آهي. ان لاءِ سامي فائونڊيشن ايڪشن ايڊ جي سپورٽ سان نياڻين جي تعليم تي ايل، آر ، پي. جي ڳوٺن ۾ ڪم ڪري رهي آهي.

### ▪ حاصلات

1 _ ڳوٺن ۾ گرلس اسڪولن ڪي ٽيچر سپورٽ ڏني ويئي آهي . جنهن ۾ 408 ڇوڪريو ن تعليم پرائي رهيون آهن

2 _ ٻن گرلس اسڪولن جي مرمت ٿي.

3._ هيلٿ ۽ هائيجن سيشن اسڪول ۾ ڪيا ويا .

4._ ايل ، آر .پي. 34 عمرڪوٽ جي 9 اسڪولن ۾ ايجوڪيشن ڊپارٽمنٽ سان گڏجي ساليانا امتحان ڪيا ويا.

- **مائٽن ۽ استادن جون گڏجاڻيون**

ايل. آر. پي 34 جي نون ڳوٺن ۾ مائٽن ۽ استادن جون گڏجاڻيون ٿيون جنهن ۾ ٻارن جي پڙهائي تي زور ڏنو ويو.۽ مائٽن ۽ استادن جي رابطا ڪاري کي مضبوط بنائڻ جون ڪوششون ورتيون ويون. تہ جيئن ٻارن جي تعليم معياري ٿي سگهي. انهن گڏجاڻين۾ ٻارڙين جي غير حاضرين گهٽائڻ ۽ معيار جي تعليم ڏيڻ لاءِ ڳالهہ ٻولهہ ٿي.

- **مقصد**

ڪميونٽي جي انوالمينٽ هجڻ انهن سهولتن کي اپنائڻ جيڪي ڳوٺن ۾ مهيا ٿيل آهن

* ٻارن ، مائٽن، استادن جون گڏيل گڏجاڻيون ترقي جو بهترين ٽول آهن.

* انهن ۾ رابطا ڪاري جي گيپ کي گهٽائڻ .

* بنيادي چاڻ فراهم ڪرڻ تعليم جي باري ۾ .

*انهن کي اهل بنائڻ اثرائتي تعليم لاءِ.

- **حاصلات**

اسڪولن ۾ اسڪول امپرومينٽ پلان جوڙي لڳايا ويا . ٻارن تي ڪنهن بہ قسم جي ذهني يا جسماني سزا کي ختم ڪيو ويو.

* اسڪول جي لاءِ تعليم ڪميٽيون انهن جي صلاحياتين ۾ اضافو ٻارن جي داخلا مهم وغيره.

* تعليم کاتي جي عملدارن سان تہ ماهي گڏجاڻيون.

- **مقصد**

استادن جي حوصلاافزائي ڪرڻ ۽ سپورٽ مهيا ڪرڻ تہ جئين ٻارڙين جي تعليم ۾ معياري تبديلي آڻي سگهجي.تعليم کاتي جي آفيسرن سان سامي فائونڊيشن جي آفيس ۾ گڏجاڻي ٿي، جنهن ۾ تعليم جي ايگزيڪيٽو آفيسر ڊي . اي. او صاحب ۽ اي _ ڊي_ اوز ميل، فيميل ۽ سامي جي مينيجمينٽ ٽيم پڻ شرڪت ڪئي.ايگزيڪٽو تعليم کاتي ۽ ٻين سيني لاڳاپيل آفيسرن سامي فائونڊيشن ۽ ايڪشن ايڊ جي ڪم کي سهارايو. ۽ چيو. تہ اوهان وٽ جيڪي تعليمي ڳوٺاڻيون تنظيم تمام ايمانداري سان ڪم ڪري رهيون آهن.جيڪو تنظيم لاءِ هڪ سٺو ۽ مثبت قدم آهي.

- **حاصلات**

ٽن ميمبرن تي مشتمل هڪ تعليم ڪميٽي تعليم کاتي جي آفيسرن سان گڏجاڻيون ڪندي ۽ تعليم جي بهتري لاءِ ڪوشش ڪندي ۽ ان ڪميٽي ۾ پروجيڪٽ ڪو آرڊينٽر پڻ شامل هوندو. .

* اها ڪاميٽي ٻارن جي حاضري کي اسڪولن ۾يقيني بنائڻ سان گڏوگڏ استاد جي ڪارڪردگي پڻ ڏسندي.

*تعليم ڪميٽي مختلف وقتن تي لاڳاپيل اداري سان رابطي ۾ رهندي ۽ مختلف ڳوٺن جي اسڪولن جي سرگرمين تي نظر ۾ رکندي.

- **ريفليڪٽ سينٽر اپيروچ**

سامي فائونڊيشن عمرڪوٽ ايڪشن ايڊ جي تعاون سان 13 مارچ کان 15 مارچ 2012 تائين ٽن ڏينهن جي ٽريننگ ريفليڪٽ سينٽر ايل. آر . پي جي سهولتڪارن جي سي ، بي. يو هال سامي ۾ ٿي. جنهن ۾ نون ئي ڳوٺن مان سهولتڪارن شرڪت ڪئي. ان ٽريننگ جو مقصد هو تہ ڳوٺن ۾ بالغان جي تعليم ۽ شعور کي وڌائڻ لاءِ مختلف طريقن سان عورتن کي سيکارجي تہ جيئن اهي پنهنجي حقن جي حوالي سان ڄاڻي

سگهن. هن ٽريننگ ۾ خاص ڪري سهولتڪارن جي ڪيپسٽي وڌائڻ لاءِ سوشل موبلائزيشن جي طريقن تي مختلف حوالن سان سمجهايو ويو ته جيئن اهي پنهنجي ڳوٺن جي عورتن ۾ تعليمي اهميت سمجهائي سگهن

- **مقصد**

سهولت ڪارن جي ڪيپيسٽي وڌائڻ

*بالغان کي تعليم ڏيڻ جنهن ۾ خاص ڪري عورتن کي سهولت ڏيڻ .

- ٽي ماهي عورتن سان گڏجاڻي

سامي فائونڊيشن پروجيڪٽ شروع ٿيڻ سان گڏ عوتن جي گروپ سان ڪم ڪري رهي آهي. جنهن ۾ ضلعي جي مختلف شعبن سان وابسطه عورتن 25 ميمبرن تي مشتمل گروپ جي گڏجاڻي سامي فائونڊيشن جي آفيس ۾ ٿي.جنهن ۾ 25 عورت ميمبرن شرڪت ڪئي. ان ميٽنگ عورتن جي ڀرندڙ مسئلن جي حل تي زور ڏنو ۽ عورتن جي حقن جي جيڪي پيچڪڙيون تي رهيون آهن. ان جي روڪ ٿام ۾ خاص ڪري نياڻين لاءِ معياري تعليم ونرائڻ سميت مختلف ايجنڊائن تي ڳالهه ٻولهه ٿي.

- **ٿر ترقياتي اتحاد**

ٿر ترقياتي اتحاد جي گڏجاڻي ٿي جنهن جو مقصد ميمبرن ۾ رابطا ڪاري جي طريقيڪارن کي سمجهڻ ته جيئن اهي گورنمنٽ جي لاڳاپيل کاتي ۽ سياسي چونڊيل نمائندن سان گڏجي پنهنجي علائقي جي ترقي کي ممڪن بنائي سگهن. ٿر ترقياتي اتحاد جي گڏجاڻي ۾ ايڪشن ايڊ اسلام آباد جا نمائيندا پڻ شامل هئا. هن گڏجاڻي ۾ ٿر ترقياتي اتحاد جي صدر جمال الدين سميجو چيو ته اسين نياڻين جي تعليم تي ڪم ڪري رهيا آهيون . هن چيو ته ايل آر. پي. جي ڳوٺن ۾ صحت جي صورتحال بهتر ٿيو آهي ته سامي فائونڊيشن جي موبائيل هيلٿ ٽيم ڳوٺن جو دورو ڪري ٿي. ۽ ماڻهو ان سهولتڪاري مان فائدو وٺن ٿا.

- نوجوانن جي گڏجاڻي.

10 مارچ 2012 تي نوجوانن سان گڏجاڻي سي . بي .يو. هال سامي فائونڊيشن آفيس عمرڪوٽ ۾ ٿي. جنهن ۾ ايل. آر پي جي ڳوٺن مان 27 ميمبرن شرڪت ڪئي.هن گڏجاڻي ۾ نوجوانن جو ڪهڙو ڪردار سماج ۾ هوڻ گهرجي . نوجوان معاشري ۽ قوم جو مستقبل هوندا آهن ٿر نوجوان اتحاد جي ميمبرن گڏريل ٻوڏ ۾ ماڻهن جي سهائتا ڪئي.ٿر نوجوان اتحاد جي گڏجاڻي ۾ مختلف ايجنڊائن تي ڳالهه ٻولهه ٿي.

- ايڪشن پلان

ٿر نوجوان اتحاد ميمبرن پنهنجن علائقن ۾ هلندڙ اسڪول بند پيل اسڪولن جي ڊيٽا گڏ ڪندا ۽ بند پيل اسڪولن کي کولرائڻ جي ڪوشش ڪندا.غريب عورتن کي شناختي ڪارڊ ٺهرائڻ ۾ مدد ڪندا.

- **موبائيل هيلٿ وزٽ**

سامي فائونڊيشن عمرڪوٽ ۽ ايڪشن ايڊ عمرڪوٽ جي تعاون سان ايل آر پي 34 عمرڪوٽ جي نون ڳوٺن ۾ وزٽ لاءِ هيلٿ ٽيم مقرر آهي . جيڪا ڳوٺاڻن کي صحت جي صحولت فراهم ڪري رهي آهي.ايل ار پي جي ڳوٺن ۾ گورنمنٽ طرفان ڪي خاص انتظام نه ڪيا ويا آهن. ايئن چوڻ به ٺيڪ آهي، گورنمنٽ پاران صحت جي سهولت ڳوٺن ۾نه هوڻ برابر آهي . سامي فائونڊيشن جي هيلٿ ٽيم ٽن مهينن ۾ ايل آر پي جي ڳوٺن ۾ 94 وزٽ ڪيا. جنهن ۾ ٽوٽل 997 ماڻهن هيلٿ ٽيم کان صحت جي حوالي سان فائدو ورتو. جنهن ۾ 229، مرد ۽ 402 عورتون 366 ٻار پڻ شامل هئا.

- **هيلٿ ايجوڪيشن سيشن**

سامي فائونڊيشن جي هيلٿ ٽيم ايل آر پي 34 جي ڳوٺن ڪي اسڪولن ۾ مختلف دورن دوران هيلٿ سيشن ڪيا. جنهن ۾ ٻارڙن کي مختلف بيمارين جي بچاء جي خاطر احتياتي اپائن وٺڻ جي ڄاڻ ڏني ويئي ..ان سان گڏوگڏ هيلٿ ٽيم ڳوٺ ليول تي پڻ سيشن ڪيا.جنهن ۾ عورتن جي بيمارين کان بچاء لاءِ اپاءَ وٺڻ جوطريقڪار ٻڌايو ويو. هيلٿ ٽيم ٽوٽل 23 سيشن ڪيا. جنهن ۾ 76 ڇوڪرا ۽ 132 گرلس کي صحت جي سنڀار لاءِ ڄاڻ ملي .

- ## <u>اسپانسر شپ</u>

ٻارن کي اسڪول ڏانهن متوجهہ ڪرڻ لاءِ مختلف قسمن جو ن سرگرميون ڪيون ويون, جنهن ۾ راند ڪيڏڻ ڇٽا پيٽي جهڙا مقابلا ڳوٺ ليول تي منقعد ڪيا ويا. جنهن سان ٻارن جي دماغي نشو نماسان گڏ جسماني سگهہ پڻ وڌنڌي . ٻارن ۾ ٿيٽر پرفارمنس جنهن سان ٻارڙن جي حجاب ۾ ڪمي ايندي, ۽ ٻار جي ذهني اوسر ٿيندي انهن سرگرمين ۾ ٻارن کي اسٽوري ذريعي انٽرٽين ڪيو ويو.ٻارڙن ٿيٽر پرفارمنس جي ذريعي پنهنجي ڳوٺ جي مسئلن جو اظهار ڪيو. جنهن ۾ 130 ٻارڙن شرڪت ڪئي. جنهن ۾ ٿيٽر پرفارمنس ذريعي ٻارن کان ميسيج ورتا ويا ۽ ان سرگرمي ۾ ٽيچر ٻار مائٽ پڻ شامل هئا جن ٻارن جي ڪارڪردگي کي همٿايو.

ان کان علاوه سامي فائونڊيشن مختلف ادارن سان گڏجي ضلح عمرڪوٽ جي پنٽي پيل علائقن ۾ تعليم کي بهتر ڪرڻ لاء مختلف سرگرميون ڪندي رهي آهي. اهڙي طرح نياڻين جي تعليم تي وڌيڪ زور ونرائڻ ۽ انجي معيار کي بهتر ڪرڻ لاءِ هن وقت 100 کان وڌيڪ نياڻين کي پڙهائڻ لاءِ گرلس استادن جي سپورٽ پڻ هلندڙ آهي.تعليم جو ماپو تڏهن ممڪن ٿي سگهي ٿو. جڏهن اسان خود تعليم کي بهتر ڪرڻ جهڙا اپاءَ وٺي سگهون . جنهن سان ڳوٺاڻن پاڻ ۾ اهو اتساهہ پيدا ٿيءِ.

اسان ڳوٺن ۾ رهندڙ خود ڳوٺاڻا تعليم کي بهتر ڪري سگهون ٿا. اهڙي طرح هلندڙ اسڪولن جي تعليم جي معيار کي جانچڻ لاءِ ڳوٺاڻي سطح تي ڳوٺاڻيون تعليمي ڪاميٽيون جوڙيو ن ويون آهن. انهن ڳوٺاڻين ڪاميٽين جو ذميوار پڻ اسڪول سطح تي ٻڌايون ويو ن آهن.هن ٽي ماهي دوران ڳوٺاڻين ڪاميٽين اسڪول وزٽ ڪري اسڪولن جي جانچ ڪئي. امتحانن جي گذرڻ بعد جيئن داخلا ٽائيم شروع ٿيو. تہ ٻارن ۽ نياڻين جي داخالا ڪرائڻ لاءِ ڳوٺاڻن سان گڏجاڻيون ڪري 5 کان 9 سالن جي نياڻين کي اسڪول ۾ داخل ڪرائڻ لاءِ پيغام پهچايو. سامي جي ٽيم ڪيترائي وزٽ ڪري اسڪولن جي هلندڙ امتحانن جي دوران اسڪولون وزٽ ڪيون ۽ داخلا متعلق ڳوٺاڻن ۽ تعليمي ڪاميٽن سان گڏجاڻيون ڪيون. هن ڪواٽر ۾سامي ٽيم توڙي تعليمي ڳوٺاڻي ڪاميٽي جي ڪيل گڏجاڻين ۾ شرڪت ڪندڙن کي ٻڌايو.تہ تعليم هر ٻار جو بنيادي حق آهي.۽ اسان پنهنجي ٻارن کي داخلا مهم دوران اسڪول ۾ ضرور داخل ڪرائنداسين.

هن ٽہ ماهي دوران حڪومت سنڌ طرفان سائي متعلق هلندڙ پروگرام ۾ حصو ملائي ڪاري سائي متعلق عمرڪوٽ جي مختلف علائقن ۾پڻ ڪم ڪيو ويو.جنهن دوران هن ڪواٽر ۾ ماڻهن ۾ سجاڳي پيدا ڪرڻ لاءِ 12 گڏجاڻيون سيشن ڪيا. جنهن ۾ مرد 427, عورتون 332 ۽ 145 ٻارن شرڪت ڪئي.انهن گڏجاڻين دوران4 ڳوٺن ۾ ڪاري سائي متعلق ڄاڻ ملڻ تي 4 اسڪريننگ ڪئمپون بہ قائم ڪيون ويون .

هن ڪواٽر دوران هلندڙ سرگرمين ۾ پيئڻ جي صاف پاڻي لاءِ نلڪن ۽ صفائي متعلق ليٽرين جي اسڪيم متعلق 27 ڳوٺن ۾ ڳڏجاڻيون ڪيون ويون. جنهن ۾ انهن ايريا جي نشاهندهي پڻ ڪئي ويئي . جنهن ۾ 43 ليٽرين لاء 4ِ ڳوٺن جي سليڪشن ڪئي ويئي . نلڪن لاءِ 27 جڳهين جي نشاندهي پڻ ڪئي ويئي.

سامي فائونڊيشن گذريل 6 سالن کان ضلحي عمرڪوٽ ۾ تعليمي ڪاتي سان گڏ يونسيف اداري جي سهڪار سان تعليمي ميدان ۾ نهايت ئي اهم خدمتون سرانجام ڏيئي رهي آهي. . جنهنجي ڪري نياڻين جي تعليم ۾ اڳ جي ڀيٽ کان خاطر خواهہ سڌارو آيو آهي.۽ اڃان بہ وڌيڪ تعليم جي واڌاري لاءِ پاڻ پتوڙي رهي آهي. .گذريل ٽي ماهي تعليمي سرگرمين ۾ جنوري کان مارچ 2012 تائين جيڪي اهم سرگرميون رهيون

آهن.انهن ۾ خاص ڪري ايمرجنسي ايڊيوڪيشن جي حوالي سان 200 عارضي سکيا سينٽر يونسيف جي سهڪار ضلعي عمرڪوٽ ۾ گذريل سال ٻوڏ متاثرين جي ٻارن جي تعليم جاري رکڻ لاءِ قائم ڪيا ۽ انهن ۾ 200 سکيا ورتل استادن ۽ گهربل سامان پڻ فراهم ڪيو انهن عارضي سکيا مرڪزن ۾ 9508 . ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين تعليم پرائي جنهن ۾ 63 سيڪڙو اهڙا ٻار هئا جيڪي پهريو دفعو انهن سينٽرن ۾ پڙهڻ لاءِ آيا هئا.۽ انهن ۾ 3676 اهڙيون نياڻيون هيون جيڪي پهريو ن دفعو انهن سينٽر ن ۾ پڙهڻ آيون . اهو اهم منصوبو 31 مارچ 2012 تي مڪمل ٿيڻ کان پوءِ ٻي مرحلي ۾ انهن سينٽر ن ۾ سيني پڙهندڙ ٻارن کي سامي فائونڊيشن سرڪار جي ويجهي پرائمري اسڪول ۾ داخلا وٺي ڏني.۽ انهن اسڪولن ۾ پڙهائي لاءِ جوڳو بندوبست پڻ ڪرڻ ۾ مدد ڪئي ۽ شيلٽر ليس اسڪولن ۾ تنبُو پڻ ڏنا. جن ۾ اڄ به اهي ٻار تعليم پرائي رهيا آهن. 40 پراڻا ٻار دوست اسڪول ۽ گڏوگڏ 20 نوان ٻار دوست اسڪول ضلعي عمرڪوٽ ۾ يونسيف جي سهڪارسان قائم ڪيا ويا جن جو ڪل تعداد هاڻي 60 آهي.انهن ۾ تعلقي عمرڪوٽ ۾ 29 . تعلقي ڪنري ۾ 20 . تعلقہ سامارو 6. ۽ تعلقہ پٿورو ۾ 5 گرلس پرائمري اسڪولن کي ٻار دوست اسڪولن ۾ تبديل ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ نئون فرنيچر ۽ رانديڻ جو سامان پڻ سامان فراهم ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ ٻين ڪلاسن کان اعلاوه 3 کان 5 سال جي نياڻين کي جديد سکيا جي ذريعي پڙهايو وڃي ٿو.۽ انهن جي نياڻين کي جديد سکيا ڏني وڃي ٿي . انهن لاءِ گهربل سامان ۽ هڪ سکيا ٽيچر بہ فراهم ڪئي ويئي آهي.جنجو سڄي ضلعي ۾ تعداد 60 آهي.انهن 20 چائلڊ فرينڊلي گرلس پرائمري اسڪولن ۾ مختلف فرنيچر آ ڏنو ويو آهي.

# هولي جا رنگ ”سامي“ جي سنگ

هڪ عام چوڻي آهي تہ ڏهاڙا (ڏڻ) يا تهوار سال ۾ هڪ ڀيرو ايندا آهن. جيڪي خوشين ۽ مسرتن جو باعث بڻبا آهن. اهڙي ريت 8 مارچ عورتن جو عالمي ڏينهن پڻ آهي.جنهن کي سامي فائونڊيشن عالمي اداري ايڪشن ايڊ جي سهڪار سان ملهايو. ساڳي ڏينهن تي بهار جي موسم جي آمد جو نويد ڏيندڙ ست رنگن سان ڀرپور هولي جو ڏينهن پڻ هو. ان ڏينهن کي وڌيڪ بارونق بڻائيندي مذهبي ڀائيچاري امن اتحاد ۽ محبت جي علامت طور ملهايو ويو . هولي جي ڏينهن تي لاءِ عورتن جي عالمي ڏينهن سان هن سال سامي فائونڊيشن ان ڳالهہ کي مد نظر رکندي هڪ وڏو ميلو منعقد ڪيو هو.جنهن ۾ 632 مدعويين شرڪت ڪئي هئي.ان ميلي عمرڪوٽ جي باراني ۽ ٻئراجي علائقي جون عورتون, مرد سماجي تنظيمن جي اڳواڻن, عمرڪوٽ ٿر پارڪر ۽ حيدرآباد جي معزز مهمانن ۽ سول سوسائٽي جي نمائندن شرڪت ڪئي هئي.انهن سيني ثقافت جي اهميت ثقافتي امن تي زور ڀريندي انهن سيني ثقافتي امن تي زور ڀريندي اهو پيغام ڏنو تہ دنيا ۾ زندهہ قومن جي نشاني پيغام محبت, انساني همدردي ڀائيچارو ۽ تهذيبي امن آهي. هولي جي ڏڻ کي وڌيڪ اهميت ملي ويئي ۽ اهو ميلو (هولي جو تهوار) هڪ زندهہ تهذيب جو ڏيک بڻجي ويو آهي وومين رائيٽس ايڪشن فورم (ڊبليو. آر. آئي. ايف) 3 سال اڳ عمرڪوٽ ضلح ۾ قائم ڪيو ويو ۽ فورم لڳاتار هارين ڪڙمين عورتن ۽ مذهبي اقليتن جي جائز قانوني, اخلاقي, سماجي ,ثقافتي, معاشي, سياسي ۽ بنيادي انساني حقن جي حاصلات لاءِ سامي فائونڊيشن جي سهڪار جاکوڙي رهيو آهي.وومين رائيٽس ايڪشن فورم (ڊبليو. آر. اي. ايف) گروپ جي اڳواڻن جي ڪوشش کي واکاڻيندي مجتا طورگروپ جي 5 اڳواڻن کي ايوارڊ ڏنا ويا. جن ۾ مانواري عورت اڳواڻ رشيده ساند, شريمتي رخمان ديوي, اتيان مگريو, نسرين کوسو ۽ فاطمہ ٻٽو صاحبہ کي 8 مارچ 2012 تي ايوارڊ ڏنا ويا.

واضح رهي تہ عورتن جي عالمي ڏينهن ۽ هولي جي تهوار کي يڪسان ملهايل هن تاريخي تقريب ۾ پريس ڪلب حيدرآباد جي هاڻوڪي صدر جعفر ميمڻ, ناليواري صحافي مهيش ڪمار, سنڌي ٻولي جي هاڪاري اديب حفيظ ڪنير ۽ مشهور سماجي اڳواڻ ذولفقار شاهہ خصوصي مهمانن طور شرڪت ڪئي. ان موقعي تي محمد جمن دربدر جي هدايتڪاري ۾ اسٽيج ٿيٽر پڻ پيش ڪيو ويو.

# وضاحت

**چوٿين مارچ جي تاريخ کي چاڪاڻ ته جديد سنڌ جي قومي تحريڪ پاران کنيل شروعاتي وک تصور ڪيو ٿو وڃي ۽ چوٿين مارچ وارو واقعو بنيادي طرح شاگرد جدوجهد دوران پيش آيل واقعو هو. ڏسڻو اهو به آهي ته ڪالهوڪي ۽ اڄوڪي شاگرد سياست ۾ تعليمي معيار ۾ ڪهڙو فرق آهي. ان نسبت سان اسان چوٿين مارچ جي هيروز جا ويچار ۽ سنڌ جي ذهين تجزئي نگار لطيف جمال چانڊيئي جو مضمون شايع ڪري رهيا آهيون.**

ادارو

- **رسول بخش پليجو**



4 مارچ جي شاگرد سياست ۽ اڄ جي شاگرد سياست ۾ گهڻو فرق اچي چڪو آهي. جنهن ۾ آمريڪا، پاڪستان سرڪار ۽ سنڌ جي وڏيرن جو وڏو هٿ آهي. اهي نٿا چاهين ته سنڌ جا ماڻهو پڙهن، اهي نٿا چاهين ته سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ پڙهائي ٿئي ۽ انهي نٿا چاهين ته سنڌ جا تعليمي ادار پرامن رهن. خاص طور تي انهن جا ماڻهو اڄڪلهه شاگرد سياست ۾ اچي چڪا آهن انهن کي نوڪريون ڏيڻ کان وٺي هر سهولت ڏني پئي وڃي. اهي آمريڪا جي چوڻ تي تعليمي ادارن ۾ دهشتگردي ڦهلائي رهيا آهن. اسان جي وڏيري، پاڪستان سرڪار ۽ آمريڪا کي سنڌي ماڻهو اڻپڙهيل گهرجي. انهن جو هڪڙوئي ڪم آهي ته سنڌي ماڻهن کي چٽ بڻائڻو آهي، ان ڪري 4 مارچ جي شاگرد سياست ۽ اڄ جي شاگرد سياست ۾ گهڻو فرق اچي چڪو آهي.

- **نواب يوسف ٽالپر**



4 مارچ جي شاگرد سياست هڪ آمر خلاف هئي، ۽ اها ئي شاگرد سياست اڄ تائين هلندي پئي اچي، جڏهن مارشل لا ملڪ ۾ آندي وئي ته خاص طور تي سنڌ جي تعليم تباهه ڪرڻ لاءِ منفي شاگرد سياست کي اڳتي آندو ويو تنهنڪري استادن ۽ شاگردن وچ ۾ تعليم تباهه جو سلسلو شروع ٿيو جيڪو اڄ ڏينهن تائين هلندو پيو اچي. اسان جي وقت ۾ شاگرد اڳواڻ جدوجهد سان گڏ تعليم ۾ پڻ اڳيرا هوندو هئا. مون به جدوجهد ڪئي ۽ تعليم ۾ گولڊ ميڊلسٽ آهيان. هاڻ به اهڙي جدوجهد ٿيڻ گهرجي. پر اها اسان کي نظر ڪونه پئي اچي، هن وقت شاگرد سياست جي اڳواڻن سان گڏ عام شاگردن کي به سياست سان گڏ تعليم تي ڀرپور توجهه ڏيڻ گهرجي.

- **يوسف لغاري**



4 مارچ واري تحريڪ اڳتي وڌي رهي آهي، ۽ اها اڄ مجموعي طور تي هڪ قومي تحريڪ بڻجي چڪي آهي. 4 مارچ واري شاگرد سياست جو انداز پنهنجو هو پر هاڻ شاگرد سياست ۾ ٿورو تشدد جو رجحان اچي ويو آهي. جيڪو سٺو نه آهي، پهريان استادن ۽ شاگردن وچ ۾ پنهنجائپ، عزت ۽ احترام وارو ماحول هوندو هيو ۽ اڳ وارا استاد پڙهائيندا به هئا ۽ شاگرد به پڙهندا هئا، سيمينار ٿيندا هئا، پر هاڻ ائين ناهي، شاگرد کي صرف پاس ٿيڻو آهي، ان ڪري اهڙي صورتحال جي پيدا ٿيڻ جا قصور وار استاد ۽ انتظاميه آهن ۽ حڪومت پڻ ان ڏوهه ۾ شامل آهي، اڄڪلهه چيڪ اينڊ بئلنس ڪونه پيو ٿئي، جڏهن ته اهو پهريان ٿيندو هو.

- **ڄام ساقي**



4 مارچ ان وقت جي ڀرپور سياسي تحريڪ هئي، ان وقت جا شاگرد استادن جو تمام گهڻو احترام ڪندا هئا، ايستائين جو شاگرد پنهنجي استاد سامهون سگريٽ به ڪونه پيئندو هو پر هاڻ ائين نه آهي استادن جو احترام گهٽجي ويو آهي ۽ تعليم تي ڌيان ڪونه پيو ڏنو وڃي. پر پوءِ به چڱائيءَ جي اُميد رکون ٿا. سنڌ جي تعليمي ادارن مان پڙهائي ختم ٿيندي پئي وڃي ۽ هاڻ 4 مارچ واري شاگرد سياست نه رهي آهي.

# 4 مارچ نئين وچن جو ڏينهن...!!

لطيف جمال چانڊيو

اڄ 4 مارچ آهي، اڄوڪو ڏينهن هوائن ۾ هلايل هلچل جو ڏينهن ناهي، نه ئي سرڪاري سڪن جي ڪشش جو شڪار ٿي ويل اُن تحريڪ جو ڏينهن آهي جنهن تي ساهه جو ٿڏو شوڪارو پري سياسي سوڳ جي سوڙهين گهٽين ۾ گهڙي گمناميءَ جي زندگي گذارڻ تي مجبور ٿي ويجهي پر هي ڏهاڙو سنڌ جي ستل سياسي ضمير کي جاڳائڻ لاءِ هر سال اسان جي دلين جا در کڙڪائڻ لاءِ ايندو آهي، جنهن شاگرد سياست نئين قومن سان نفرت واري ٻت کي مضبوط سياسي جدو جهد سان ڊاهڻ جي شروعات ڪئي ۽ سنڌ جي اداس سياسي آسمان تي اميدن جا سوين چنڊ ستارا روشن ڪيا هئا،4 مارچ 1967ع ۾ شاگردن جي غير معمولي مارچ جو سبب ته سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر حسن علي عبدلرحمن جي زبردستي ٽرانسفر ڪرڻ ۽ سنڌ دشمن پاليسين ۾ بدنام ٿيل حيدرآباد جي ڪمشنر ،مسرور حسن جي خلاف هو اُهو مسرور حسن جنرل ايوب جو دادلو هو جنهن لاءِ ٻيون ڪوڙ ڳالهيون مشهور هيون پر هڪ ڳالهه اها به مشهور هئي ته حيدرآباد جي هن ڪمشنر جي فرمائش تي اوير پاڪستان ۾ منسترين جا معاملا به طئي ڪيا ويندا هئا، هي اُهو دور هو جو سنڌ ۾ هڪ به سنڌي آفيسر نه هو، آفيسرن جي اڪثريت جو تعلق پنجاب سان هو، باقي اُردو ڳالهائيندڙ هئا، پر مارچ جي پويان آئسوليٽ ڪيل سنڌ جو پورو پسمنظر هو ۽ سنڌ پنهنجي حصي جي سانڍي رکيل چڙ مارچ تي ظاهر ڪري وڌي هئي، اهڙي تحريڪ سبب سنڌ کي ون يونٽ جي پنجوڙ ۾ 15 سالن تائين جڪڙي رکندڙ حڪمرانن کي اهو پيغام به ڏنو ويو ته سياسي پابنديون انهن جي جذبن کي جهڪائي نٿيون سگهن، نه ئي سورن جي صليب تي چاڙهيل سنڌ مٿان انهن جي وحشتن جا ڪارا ڪڪر گهڻي دير تائين بيهي سگهن ٿا.

> **45 سال پهرين هلايل هن شاگرد هلچل سياسي طور خاموشي جي خود ڪشيءَ جو شڪار ٿيل سماج مٿان جاڳرتا جو اهڙو سج اڀاريو، جنهن سج جي روشني سان سنڌ يتيمي واري ڪيفيت مان نڪري آئي ۽ هڪ اهڙي موڙ تي اچي بيٺي، جتان سياسي تحريڪ جا ڪيترائي چرچم اُڀري پيا، سنڌ لاءِ شاگرد سياست جو هي اهو دور هو، جنهن لاءِ ائين چئي سگهجي ٿو ته اهو دور سنڌ جي پهرين جنريشن هلايو، اها پهرين جنريشن جنهن ون يونٽ جي خاتمي لاءِ سنڌ جي وڃايل سڃاڻپ لاءِ راجپوتانه ۽ ڄامشورو پل جي وچ واري رستي تي پوليس جو تشدد برداشت ڪري اهو ثابت ڪيو هو ته وطن جي عظمتن مٿان ڪنهن آمر جي ٻوٽن جي لتاڙ برداشت نه ڪندا. هن پنهنجي مڪمل طاقت جو مظاهرو ڪندي سنڌ جي قومي سلامتي ۽ ٻولي جي سڃاڻپ لاءِ جيڪي قربانيون ڏنيون، اڄ به سنڌ انهن شاگردن جي مرتبي کي ميرو ٿيڻ نه ڏنو آهي**

45 سال پهرين هلايل هن شاگرد هلچل سياسي طور خاموشي جي خود ڪشيءَ جو شڪار ٿيل سماج مٿان جاڳرتا جو اهڙو سج اڀاريو جنهن سج جي روشني سان سنڌ يتيمي واري ڪيفيت مان نڪري آئي ۽ هڪ اهڙي موڙ تي اچي بيٺي، جتان سياسي تحريڪ جا ڪيترائي چرچم اُڀري پيا، سنڌ لاءِ شاگرد سياست جو هي اهو دور هو، جنهن لاءِ ائين چئي سگهجي ٿو ته اهو دور سنڌ جي پهرين جنريشن هلايو اها پهرين جنريشن

جنهن ون يونٽ جي خاتمي لاءِ سنڌ جي وڃايل سڃاڻپ لاءِ راڄپوتانه ۽ ڄامشورو پل جي وچ واري رستي تي پوليس جو تشدد برداشت ڪري اهو ثابت ڪيو هو ته وطن جي عظمتن مٿان ڪنهن آمر جي ٻوٽن جي لتاڙ برداشت نه ڪندا. هنن پنهنجي مڪمل طاقت جو مظاهرو ڪندي سنڌ جي قومي سلامتي ۽ ٻولي جي سڃاڻپ لاءِ جيڪي قربانيون ڏنيون , اڄ به سنڌ انهن شاگردن جي مرتبي کي ميرو ٿيڻ نه ڏنو آهي 72ع ۾ ٻوليءَ واري معاملي تي سنڌ جي چونڊيل وزير اعليٰ ممتاز ڀٽو اعلان ڪيو ته سنڌي ٻولي سنڌ ۾ سرڪاري طور استعمال ڪئي ويندي. جنهن تي اردو ميڊيا ۽ اردو جا ڪيترائي اديب ۽ دانشور ردعمل ۾ آيا. ان کان پوءِ سنڌي اخبارن جا دفتر ساڙيا ويا. سنڌين جي گهرن ۽ هوٽلن کي ساڙيو ويو. ان حد تائين جو سنڌ الاجي کي ٻاهه ڏيڻ جهڙا واقعا به رپورٽ ٿيا. 4 مارچ 1967ع واري شاگرد جدوجهد جا اثر سنڌي سماج تي گهڻي عرصي تائين رهيا, جنهن جو خيال پوءِ واري شاگرد سياست پورو ڪري نه سگهي. شاگرد سياست اهڙو رخ اختيار ڪري ورتو جنهن پاسي هٿيارن واري سوچ حاوي نظر آئي.تعليمي ۽ ثقافتي سرگرمين وارن لاڙن جا اثر رڪجي ويا ۽ سنڌ جا تعليمي مرڪز ڌوهارين جي آماجگاهه بڻجي پيا, سنڌ مان اغوا جي وارداتن جا پيرا انهن هاسٽلن پاسي وڃڻ لڳا, جتي رات جو ڪمرن جي روشني ۾ ڪتابن جا ڇهرا کلڻ گهربا هئا ۽ هٿن ۾ ڪاغذن جي سفيد ميدانن تي ڊوڙندڙ قلم هجڻ گهرجي ها, پر اتي ڪتاب ۽ قلم بجاءِ ڪلاشنڪوف شاگردن جو جنون بڻجڻ لڳي, پاڙهو شاگرد کي هر وقت بزدلي جي گار سهڻ جا گر سکي خاموش رهڻ جي مڪمل سکيا ونڻي پوندي هئي. هي شاگرد سياست جو اهو دور هو جتي سنڌ جي عقل, ڏاهپ ۽ علم جون روشنيون کڻي ايندڙ دانشورن جي اچڻ لاءِ يونيورسٽي جا دروازا بند هئا,پر ڪشمير خان ۽ جانو آرئينءِ جي اچڻ تي ڪا بندش نه هئي. اڌ رات جو آيل ڌوهارين کي ماني کارائڻ لاءِ ڪينٽين جي بيرن کي روز بيعزتيون برداشت ڪرڻيون پونديون هيون تمام گهڻين سياسي اختلافن جي باوجود, ان حد تائين جو شاگرد تنظيمن جي وچ ۾ هلندڙ جهيڙن سبب قتل ٿي وڃڻ کان پوءِ شاگرد تنظيمن جي اندر مختلف ڌڙن ۾ موجود ڌوهارين جا پاڻ ۾ تمام گهڻا ويجها تعلقات نظر اچڻ لڳا.جڏهن ته نظرياتي سياسي اختلافن جي باوجود گهڻو پري رهندڙ اڳواڻ جيڪي سياسي طورسنجيدهه ۽ پاڙهو طور مشهور هئا انهن جي تعلقاتن ۾ ڪڏهن به وڌي نظر نه آئي ڇاڪاڻ ته شاگرد تنظيمن جي اندر مختلف سياسي پارٽين سان سلهاڙيل ڌوهارين جا مفاد هڪجهڙا ٿين ٿا. ساڳي طرح سنجيدهه ۽ پاڙهو شاگرد توڙي جو انهن جون پارٽيون مختلف هجن ٿيو پر انهن جا مفاد هڪجهڙا هجڻ سبب انهن جون دوستيون ته ڪنهن دليل جون محتاج ناهن هونديون, منهنجو ذاتي خيال اهو آهي ته شاگرد تنظيمن جي اندر چند پڙهيل ۽ سنجيدهه شاگردن جي روين مٿان ڌوهاري ۽ هٿياربند شاگردن جو حلقو حاوي آهي, درسگاهن مان هٿيار بند گروهه کي ٻاهر ڪيڻ لاءِ پارٽيون خود سنجيدهه ناهن, جيڪڏهن اهڙن تعليم دشمن گروهن کي پارٽين مان نڪتو ڪييو وڃي تيستائين شاگرد سياست ۾ سڌارن جي توقع رکي نٿي سگهجي شاگرد سياست جو حق شاگردن جو بنيادي حق آهي, پر ان شاگردن جي سياست جي آڙ ۾ استادن ۽ معصوم شاگردن مٿان هٿيارن سان حملا ڪنهن به ريت قابل قبول ناهن , تنهنڪري اهو سوال انتهائي اهم آهي ته اسان 4 مارچ جي شاگرد جدوجهد کي مثالي جدوجهد جي نظر سان ڏسون, جيڪي شاگرد هوندئن ته هيٺا ۽ مارشلا جي طاقتور هٿيارن سامهون ڪمزور هئا پر نظرياتي طرح انهن جي خوابن جو مرڪز اها سنڌ هئي, جنهن جي ٻولي ۽ تهذيب خطري ۾ هئي, جيڪا سنڌ سازشن جي هڪ اهڙي ڄار ۾ ڦاٿل هئي, جنهن لاءِ انهن با ضمير شاگردن تاريخ جي ٽٽل زنجير کي جوڙڻ لاءِ احتجاج ڪيو ۽ سنڌ سياسي طور يتيمي واري احساس مان نڪتي,

# سنڌ جو سچو سورهيہ ۽ حقيقي بادشاهہ

امير بخش شر ________

وضاحت

سنڌ جي عظيم سورمي سورهيہ بادشاهہ شهيد کي آزادي جي ويڙهہ وڙهڻ جي نتيجي ۾ انگريز سامراج نہ رڳو شهيد ڪيو بلڪ سنڌ جي تاريخ جو هي واحد هيرو آهي جنهنجي جسدِ خاڪي کي پڻ گوري سامراج گم ڪري ڇڏيو. اسان سندس شانِ شهادت کي سلام پيش ڪرڻ لاءِ سندس 69 هين ورسي جي موقعي تي ڪاوش دنيا جي ٿورن سان جناب امير بخش شر صاحب جو هي مضمون شايع ڪري رهيا آهيون.

شهادت تاج آ تنهنجو

تخت تنهنجو سليماني

نئين هوندي هڪڙي پيري پاڙي جي مهرن فقيرن ۾ ستين پير صاحب پاڳاري شاهہ مردان شاهہ جي دعوت ٿي هئي. خلق جو ڇيهہ ئي ڪو نہ هو. ڪل ئي ڪانہ پئي پيئي. تہ ماٺهن جو سمنڊ ڪٿان اٿلندو ڇوليون هڻندو پيو اچي.رڳو مرشد جي هڪ جهلڪ ڏسڻ سان هڪ ٻي کي مبارڪون مبارڪون پئي ڇيائون ۽ پيچ پاڳارا جا نعرا بہ پئي هنيائون. اهو منهنجو ٻاروتڻ هيو ڪچڙو ذهن هيو.سو قصو سمجهہ ۾ نہ پئي آيو.تن ڏينهن ۾ ماڻهن جي واتان سنڌي حرن لاءِ انگريزن جون پکڙيل ڪوڙ ساريون ڪوڙيون خبرون ٻڌي سنڌي حرن جي نالي توڙي سنڌ جي حر جماعت جي ماڻهن کان دل ويتر دهلجي ويندي هئي . سنڌي حرن کي مورڳهين اهڙي مخلوق سمجهڻ لڳندو هئس. جيڪا دنيا جهان کان ڌار سوچيندي هجي يا مرڳو نہ سوچيندي هجي ۽ رڳو مارا ماري ڪندي هجي .اهي خبرون تہ گهڻو پوءِ پيون تہ حر توڙي پير صاحب پاڳاري جا پوئلڳ تہ وطن جا اهي سرفروش هيا. ۽ آهن.جيڪي مرشد جي حڪم تي وطن يا ڪفن ۽ آزادي يا موت جو نعرو هڻي ڦاسين ۽ گولين جي پرواهہ نہ ڪندي بہ پنهنجا سر گهوريندا پئي ويا.وڏا ٿياسين تہ ڪوڙ سارا ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ خبر پئي تہ مار هي تہ قصو ئي اور آهي. هي حسينت جا پيرو ڪار آزادي جا متوالا آهن. نيٺ خبر پئي تہ سيد محمد شاهہ المعروف حضرت شاهہ صدرالدين لڪياري، لڪي شاهہ صدرالدين وارو حضور صلعم جنجي وينهين پيڙهي مان هيو ۽ ڇٽيهن پيڙهي ۾ امام العارفين سيد محمد راشد روضي ڌڻي رح هيو. ۽ ايڪتاليهن پيڙهي جو سنڌ جو عظيم انسان ۽ انقلابي محمد صبغت الله شاهہ راشدي مارچ 1909 ۾ پير سائين شاهہ مردان شاهہ ڪوٽ ڌڻي جي گهر ۾ پيدا ٿيو.انهي وقت ملڪ تي گورن حڪمرانن جو راڄ هيو. سندن پيدائش کان گهڻو اڳ علي گوهر شاهہ محافي ڌڻي دور ۾ انگريزن حرن تي ظلم جي شروعات ڪئي هئي. ۽ 1993 ۾ انگريزن جي بيٺڪيت خلاف پهرين منظم ۽ هٿياربند حر تحريڪ شروع ٿي. جنهن ۾ ٻارهن ڀهروٽيا مشهور ٿيا هيا. 1898 ۾ سانگهڙ جا بچو بادشاهہ ۽ عيسو ڏاهري جهلاڻا هيا.جن کي انگريزن سانگهڙ جي وچ شهر ۾ موجوده نيشنل بينڪ جي سامهون هاٽوڪي بچو بادشاهہ چوڪ تي سر عام ڦاسي ڏيئي شهيد ڪيو هيو.انگريزن 1900 ۾ حر باغين کي لوڙهن ۾ رکڻ جو حڪم جاري ڪيو هيو.جيڪو لوڙها آزادي کان پوءِ آزاد پاڪستان ۾ بہ 1952 تائين هليا هيا. انهي مان اهو پتو پوي ٿو.تہ سنڌ جا ماڻهو انگريزن جي غلامي مان آزاد ٿي. سورهيہ بادشاهہ 12 ورهين ڄمار ۾ مٿس هڪڙو هٿيار جو ۽ ٻيو انتهائي گهٽيا قسم جو ڪوڙو ڪيس ٺاهي گرفتار ڪري اٺن ورهين جي سزا ڏني وئي. جيتوڻيڪ انهي ڪوڙي ڪيس ۾ سورهيہ بادشاهہ جي بچاء جو وڪيل بيريسٽر محمد علي جناح ڪيس هلندي الائي ڇو بائيڪاٽ ڪري ويو هيو.جيڪو تحقيق طلب موضوع آهي. 1936 ۾ رتنا گيري جيل مان ازادي بعد ائين لڳو تہ سورهيہ باداشاه جيل مان پڇي نڪتل ڪولائو وهجي. جنهن سنڌ کي انگريزن جي غلامي مان آزادي ڏيارڻ لاءِ وطن يا ڪفن آزادي يا موت جو نعرو ڏيئي غازين جي فوج ٺاهڻ شروع ڪئي هئي.جنهن تي ڏمرجي انگريز سرڪار سنڌي سرفوشن کي لوڙهن ۾ واڙڻ کان علاوه سانگهڙ، مير پور خاص روڊ تي آزادي جي ويڙهاڪن جي مرڪز گڙنگ بنگلي تي بمباري

ڪري ان کي تباهہ ڪيو. سال کن بعد وري پير ڳوٺ ۾ تاريخي ڪتب خاني کي بمبار ڪري تباهہ ڪيو ويو هزارين حُر سرعام ڦاسين تي چاڙهيا ويا.سورهيہ بادشاہ تي جڙتو ڪيس هلائي ڪيس 20 مارچ 1940 تي حيدرآباد جيل ۾ ڦاسي ڏيئي شهيد ڪري ڇڏيو. ۽ سندن مڙهہ ڪنهن اڻ ڄاتل هنڌ دفنائي ڇڏيو.

شهيد سورهيہ بادشاهہ انگريزن جي راڄ ۾ رتنا گيري جيل ۾ سنڌ جي ماڻهن لاءِ لکي ٿو.تہ سيني ملڪن جي ماڻهن مان سنڌ جا ماڻهو وڌيڪ زور آور ۽ بهادر آهن. اسان رتنا گري ۾ بہ چورن جو حال ڏٺو جو ٿوري چوري ڪري سزا وٺيو اچن ۽ پوءِ جيل ۾ موڇڙا پيا کائين.پر سنڌ جا چور بہ اهڙا آهن جو سون سپرنٽنڊنٽن کي مارون ڏنائون ۽ سوين جيلرن کي ڪٽي ڇڏيندا آهن.۽ پيا کو بہ اهڙو مثال نہ ڏيءِ سگهندا آهن.نادر شاهہ جي بہ چوري سنڌين ڪئي هئي.چون ٿا نادر ڪرڙي ۾ اچي لٿو ۽ چور بادشاهي پهري مان بہ بادشاهہ جو تاج ڪٽي ويا.نادر شاهہ ڏينهن جو پڙهو گهمايو تہ انهي چور کي پنج هزار رپيا انعام ڏيندس.جنهن مون جو تاج چورايو آهي. پوءِ اهو چور اچي حاضر ٿيو ۽ نادر ڪيس واعدي موجب ٻي ڪا بہ سزاڪانہ ڏنائينس.سو اهڙا بهادر چور سنڌي هيا.۽ واعدي پوري ڪرڻ جو بہ انصاف نادر شاهہ کي هجي نہ تہ اچوڪا حاڪم هجن ها تہ چور کي پنجن هزار انعام جي بدران پنج پيرا ڦاسي ڏيئي ڇڏين ها.سنڌ جا ماڻهو تہ دل جا تہ تابع آهن پر دماغ جا تابع ناهن جوڪڏهن نديڙي ڳالهہ لاءِ بہ وڙهي پوندا آهن ۽ ڪڏهن وڏي ڳالهہ تي بہ ماٺ ڪري ويهي رهندا آهن.پاڻ جيڪر اهو سوچيون تہ پاڳاري سنڌ کي ملڪ لکيو آهي.نہ ڪي رياست نہ ڪي صوبو ۽ ٻي ڳالهہ تہ سنڌي ماڻهو نندي ڳالهہ تي بہ وڙهي پوندا آهن.سي اڄ بہ ڏسون پيا. پاڻ هي بہ ٿي اکر سورهيہ بادشاهہ ۽ انهي جي پيروڪار شهيدن جي پيروڪارن شهيدن جي حق ۾ لکڻ درياءَ کي ڪوزي ۾بند ڪرڻ جي برابر سمجهون ٿا.جيڪو ناممڪن آهي۽ گڏوگڏ پاڻ کي حيرت انهي تي بہ آهي تہ سوين هزارين ماڻهو آزاد وطن جي لاءِ وڙهندي، سورهيہ بادشاهہ سميت بي گناهہ ڦاسين تي چڙهيا ۽ گولين جو کاڄ بڻيا. پر آزاد وطن ۾ ڪين فريڊم فائيٽرز جو لقب نہ ملي(freedom fighters)

سگهيو جيتوڻيڪ پنهنجي پاڙيسري ملڪ ۾ جيڪر ڪوئي هڪڙي ڏينهن بہ انگريز خلاف ڪنهن جلوس ۾ ويو هيو تہ اهو بہ فريڊم فائيٽر جي اعزاز سان نوازيل آهي. پاڻ کي ڪوڙ ڪتابن مان اها خبر پئي هئي تہ سورهيہ بادشاهہ آزادي واري تحريڪ سان دوکيبازي ڪري ڪيس ڪوڙن ڪيسن ۾ انگريزن هٿان ڦاسي ڏيارڻ ۾ ڪنهن جو هٿ هيو. پر پاڻ اها ڳالهہ ڪونہ ٿا چئون چاڪاڻ تہ اها ڳالهہ ستين پير پاڳاري سورهيہ بادشاهہ جي فرزند شاهہ مردان شاهہ خود ناميارِي صحافي مختيار عاقل کي انٽريو ڏيندي چئي هئي.تن سنڌ جي هڪڙي پير (نالو ڄاڻي واڻي ڪونہ ٿا لکونس )۽ پير پاڳاري جي ڇوٽين پيڙهي ۾ عزيز خود پاڳاري ٿيڻ لاءِ انگريز سرڪار کي سورهيہ بادشاهہ کي شهيد ڪرڻ لاءِ نہ رڳو صلاحون پئي ڏنيون پر ڪيس مضبوط بنائڻ لاءِ شاهدن ۽ وڪيلن کي بہ سبق سيکاريندو رهيو.پاڻ رڳو اهو چوندا سين تہ انگريزن کان آزادي لاءِ هلندڙ هن تحريڪ کان ذاتي مفادن لاءِ تباهہ ۽ برباد ڪرائيندڙ اهو پير پاڪستان ٺهڻ بعد قائد اعظم ۽ لياقت علي خان جو انتهائي ويجهو ۽ وفاق جو وزير بہ رهيو هو.جو آزادي بعد بہ آزادي لاءِ جانيون ڏيندڙ شهيدن ۽ سورمن جو اولاد پهرين اپريل 1952 تائين نام نهاد لوڙهن ۾ قيد رهيو.حالانڪ آزادي تہ 1947 ۾ ملي هئي.پاڻ رڳو اهو ٿا چئون تہ انگريز بهادر جو نوٽيفڪيشن الائي ڪيترن سنڌين پڙهيو هو يا نہ جنهن ۾ ڪيترا سال ٻوري جي پرين پر ڪرفيو لاڳو ڪري ماڻهو تہ ماڻهو پر پکي پکڻ جيت جڻي جي چرڻ پرڻ تي بہ پابندي لڳائي ڇڏي هئي.انهي انگريز فيل مست جي ڪاموري ليمبرڪ لاءِ تہ ڪارنر ٿو جوڙجي ۽ سورهيہ بادشاهہ نہ هتي ڪرڪيٽ ميچ کٽڻ تي عام موڪل ٿي ٿئي. پر هن عظيم انقلابي جي ورسي جي ڏهاڙي وڏن سورن سان گذريل سال موڪل ٿي هئي. اسان مان گهڻن کان اها خبر آهي بہ الائي نہ تہ سورهيہ بادشاهہ جو هم نام سندس پوٽو ۽ موجوده اٺون پاڳارو صاحب ڪالهہ ڪالهوڪي جڏهن سنڌ جو آبپاشي جو وزير هيو ۽ پاٽي جي ورهاست تي پنجاب جي شهر لاهور ۾ سنڌ جو ڪيس پر پور انداز ۾ پيش ڪرڻ بعد ميڊيا سان ڳالهائي رهيو هيو تہ چيو هيائين تہ هنن پنجاب وارن پاٽي جي مسئلي تي تہ مرڳهين اسانجا ڪپڙا ٿي ڦاڙيا. سو اسان سمجهون ٿا تہ هن گادي جي گادي نشين جي حوالي سان هميشہ ڪا نہ ڪا هڪڙي ڳالهہ مشهور هوندي آهي. جيئن سورهيہ بادشاهہ لاءِ گوريلا تحريڪ ۽ شاهہ مردان شاهہ لاءِ تباهہ ٿيل مريدن کي وري آباد ڪرڻ جو ڪريڊٽ تيئن اسان اميد ٿا ڪريون اٺون پير پاڳارو سنڌ جي سموري عوام جو رهبر ٿي سنڌ جي هر مسڪين ۽ غريب جو پير جهلو ٿي ديس جي ماڻهن کي سورن کان آجو ڪرائي ملڪ ۾ پنهنجي الڳ سڃاڻپ قائم ڪندو.

# ٿر ۽ پارڪر جو احوال

پهرين آئون ٿر جا احوال اورينداس ۽ پوءِ پارڪر جون ڳالهيون ٽينديون. ٻئي علائقا هڪ ٻئي سان دنگئي آهن. منجهن هڪجهڙائي ڪانہ آهي. جيڪڏهن ڪجهہ آهي بہ، تہ اها نالي ماتر آهي.

> **وضاحت**
>
> ٿر جي تاريخ تي هونئن تہ ديسي ليکڪن جا ڪيترائي ڪتاب ۽ مضمون اسان ۽ اوهانجي نظر مان گذريا هوندا پرهي مضمون جنهن خاص مقصد تحت شايع ڪيو پيو وڃي سو هي آهي تہ سنڌ فتح ڪرڻ ڪانپوءِ ٿر ۽ پارڪر جي پهرين ڪمشنر مسٽر ايس اين رئڪس ٿر ۽ ٿري ماڻهن متعلق ڪهڙا ويچار پيش ڪيا آهن. هي مضمون سنڌس مشهور ڪتاب "ٿر ۽ پارڪر جو احوال" تان ورتو ويو آهي.
>
> ادارو

ٿر جو ڀاڱو ڊٿ، هڪ رڻ پٽ آهي. منهنجي انتظام هيٺ آهي ۽ ڪڇ جي رڻ جي اترئينءَ سرحد سان دنگئي آهي. ڊيگهہ 120 ميل ۽ منڊ 40 ڪان 50 ميل ڪن ٽيندس سندس ڪل پکيڙ 4500 چورس ميل ٽيندي. اولهہ ڪان سنڌو ماٿري اٿس. اتريون دنگ نئون پاسو ور وڪڙ ڪائيندو، مارواڙ ڏانهن وڃي ٿو. عمرڪوٽ جي علائقي جو ڪجهہ حصو بہ منهنجي انتظام هيٺ آهي جيڪو ٿر جيان هڪ رڻ پٽ آهي. ٿر جي اوير ۾ مارواڙ آهي ۽ ڪڇ جي رڻ جي سنهي پٽي ڪيس گجرات جي ڦولن پور ضلعي ڪان جدا ڪري ٿي. ڏکڻ ڏس ڪان، رڻ ، ٿر ۽ پارڪر جي علائقن کي ڪڇ ڪان جدا ڪري ٿو. سارو ٿر واري جي ڀٽن سان پريو پيو آهي پري ڪان طوفاني موسم چوليون مارينڌڙ سمونڊ پيو ڀاسبو. ڀٽن جي ڊگهائي اوير ڪان اولهہ ڏسڻ ۾ ايندي ۽ عام طور تي هن علائقي جي اولهہ پاسي ڀٽون، اوير طرف وارين ڀٽن ڪان اتاهيون نظر ايندئون آهن. عام طور رڻ جي وٽ سان، ڌرتي جي مٿاڇري ڪان 6 ڪان 12 فوٽ هيٺ جر جو پاڻِي ملڻ جو امڪان هوندو آهي.ڪن ٿورين جاين تي پاڻي ٻاڙو هوندو . پر گهٽين هنڌن تان پيئڻ جهڙو مٺو پاڻي ملي وڃي ٿو. پاڻِي جي لاءِ عارضي قسم جا کوهہ کوٽيا ويندا آهن. منجهن تري ۾ چڪ (شهونگ) وهاري پاسن کي چوڌاري ڊگهن ساون چهن سان واٽي، مٿان مٽي ڪرڻ ڪان روڪي ڇڏيندا آهن. جيتري وقت تائين کوهہ استعمال هيٺ هوندو آهي. تہ پاڻي واريءَ مان ڇڻي صاف ٿي ٻاهر کوهہ جي تري ۾ گڏ ٿيندو ويندو آهي. ايترو وقت پاڻي پيئڻ لائق رهندو آهي. اندرين علائقن ۾ کوهہ جي اونهائي هڪ جهڙي ۽ هڪ جيتري نہ هوندي آهي.ان جي نسبت رڻ جي فاصلي سان واسطو رکي ٿي.جيڪڏهن اونهائي هيٺ گهٽي آهي، تہ کوهہ پڪين سرن سان ٻڌا ويندا. پٿر هتي سولائي سان ڪونہ ملي سگهندو آهي.پاسن کي ڦوڳن جي چهن سان واڙڻ خطري کان خالي ڪو نہ هوندو آهي.رڻ جي ڪناري کان 30 ميل پري کوهن جي اونهائي 60 گز هوندي آهي. ڪيتي ڀٽن کان تراين ۾ ٿيندي آهي. آبادي لائق زمين تمام ٿوري آهي.اها تراين واري زمين ۽ ڀٽون وسڪاري ۾ ساوا ولهار ٻڻجي ويندا آهن، ۽ ڀانت ڀانت جي گاهن جون گلزاريون لڳي ويندئون آهن.ٿر جو گاهہ ٻر وارن علائقن جي گاهہ کان وڌيڪ مال تي هوندو آهي، سي ٿوري وقت لاءِ هن گاهہ تي گذارو ڪري ڏاڍا خوش ٿيندا آهن.ڪيتي لائق زمين ڪنهن ڪنهن هند پر تمام ٿوري آهي.ماڻهن جي ملڪيت ۽ سندن وجود هميشہ غير محفوظ هوندو آهي.۽ حسب حال زندگي گذارڻ لاءِ ڪين اڳ ۾ ئي ڪجهہ سوچڻو پوندو آهي. ڀٽن جي واري تمام سنهڙي ۽ صاف آهي منجهس ڪجهہ واريءَ جا ڀُرٽا ڳوڙها بہ هوندا آهن. ان ايراضي جي مٿاڇري جي صورتحال اهڙي آهي، جو ايئن لڳندو تہ جڻ ڏڏڻ يا زمين جي اندروني

آندولن ڪري پٽون مٿي اڀري آيو آهن.ٿر رڻ گهاڙ به ڏاڍي گهلندي آهي. واءَ ۾ واري به هيڏي هوڏي وڙڪندي وتندي، پٽن کي نيون شڪليون ۽ صورتون پئي ڏيندي. پر ان هوندي به ٿر جي پٽن جي ترتيب واسطي واءَ ايتري قدر زميوار نه آهي. پارڪر جو علائقو ٿر کان ڏکڻ اوڀر واري ڏس تي آهي.اتر کان سندس منڍو 20 ميل ۽ اولهه کان اوڀر ڊيگهه 30 ميل آهي.هر ڳالهه ۾ ڳڻ ۾ ٿر کان وکرو ۽ نرالو آهي.پارڪر ۾ سخت پاهڻ وارين ٽڪرين جو سلسلو موجود آهي. ٿر ۾ پٽ جهڙي ڪٽنري واري جو ن نرم پٽون آهن.پارڪر ۾ ويهن ميلن جي گهيري اندر ڪاٽي ننڍڙيون ته ڪاٽي ڪجهه اتاهيون ٽڪريون موجود آهن. زمين جي مٿاڇري کان سندن اوچائي وڌ ۾ وڌ 350 فٽ کن ٿيندي هنن ٽڪرين جي وچ تي موجود ميداني علائقو، ڪڇ جي اوڀاريئن حصي سان هڪجهڙائي رکي ٿو. جيڪو وچ تي رڻ ڪري ڪڇ کان الڳ ٿي ويو آهي. ٿر يا پارڪر ۾ ڪو به درياهه يا هميشه وهندڙ نئن وغيره ڪا ن آهي. پارڪر جي سامهون، رڻ جي حدن اندر ويرا واهه ڳوٺ جي پرسان هڪ وڏي ۽ مشهور شهر جا کنڊر موجود آهن، جنهن جو ذڪر اڳتي ڪيو ويندو. جين ڌرم سان واسطو رکندڙ ڪن مندرن جو جايون به ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. پارڪر جي موجوده شهر ڀوڏيسر جي پرسان به هڪ پڙي جا اهڃاڻ آهن . پارڪر ۾ ڪيترن ئي پڪن تلائن جي اڏاوتن جي موجودگي اسان کي اهو ڏيکاري ٿي. ته پارڪر موجوده ٻن ٽن صدين کان اڳ گهڻو ترقي يافته ۽ وڌيڪ مهذب هو.

## قبيلا ۽ ذاتيون:

سانگي قبيلن کانسواءِ، ٿر پارڪر جون مکيه ذاتيون سوڍا، نهڙيا، راهمان ۽ کوسا آهن. واپار وڙي جي ڌنڌي سان واڳيل واڻيان،لوهاڻا ۽ ميمڻ ذات به هنن علائقن ۾ رهي ٿي.ڀيل ۽ ڪولهي به ججهي انگ ۾ رهن ٿا.کين نه مسلمان به پنهنجو ٿا ڪن ۽ نه هندو کين پنهنجي ڌرم پٽ ۾ شامل سمجهن ٿا.پر پاڻ ڌرمي ريتون رسمون هندن واريون ڪن.۽ پاڻ کي سمجهن به هندو.هن علائقي ۾ انگ جي لحاظ کان سندن گهڻو اثر آهي.هاڻي ڪن مکيه ذاتين جو تفصيل سان ذڪر ڪيو ويندو. شروعات سوڍن جي اهم ذات سان ڪريون ٿا. هن علائقي ۾ سڀ کان وڌيڪ سوڍن جي ذات چانيل آهي.جيڪا رجپوت ڦريءَ سان لاڳاپيل آهي.

۽ پرمار سوڍن جي ڪڙم مان آهي. اٺ سئويا هزار سال کن پرمار سوڍا اجين ۽ مالوا جي ڀر پاسي جي علائقن تي حڪومت ڪندا هئا. گهڻو وقت ٿيو جو ڪن اڻ ڄاتل سببن جي ڪري (ٿي سگهي ٿو ته ڪي سماجي مسئلا هجن) پنهنجي ماتر ڀومي ڇڏي ، هٿيار پنهوار ڪٽي پنهنجي ڀاڳ آزمائڻ لاءِ ڌارئي ديس ڏانهن نڪري پيا.

عمرڪوٽ جو قلعو هاڻي جيان اڳ به ٿر جي سياست جي ڪنجي سمجهيو ويندو هو ۽ مارواڙ ۽ سنڌ و ماٿريءَ جي اهم گس تي موجود هو. تنهن زماني عمرڪوٽ ۾ سنڌ جي سومرا گهراڻي جي حڪومت هئي، عمرڪوٽ جي قلعي کان 30 ميل اتر طرف ٿر اندر هڪ پراڻي قلعي، رتوڪوٽ جا اهڃاڻ موجود آهن. اهو قلعو جيڪو عمرڪوٽ جهڙو اهم آهي، سو پرمار سوڍن جي دور انديشيءَ جي نشاني آهي يا انهن کان اڳ جي تعمير آهي، سو پتو ڪونه ٿو پوي اهو چوڻ ڪافي ٿيندو ته ڪنهن مدبر حڪمران ٿر تي ڏهڪاءُ وهارڻ لاءِ اهڙن مضبوط قلعن جي اڏاوت ڪرائي، سنڌو ماٿريءَ ۽ وچ هندستان جي مابين شاهي رستن تي پنهنجا فرمان جاري رکيا.

انهن قلعن پرمار سوڍن جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪايو. جن 1226ع ۾ حملو ڪري وڏيءَ جدوجهد کان پوءِ اهي ٻئي قلعا (عمرڪوٽ ۽ رتو ڪوٽ) فتح ڪري ورتا. راجپوت نسلي طور ڏاڍا ڪلاونت ويڙهاڪ هوندا آهن. پنهنجي اوج جي زماني ۾ ته وڌيڪ بهادر هئا. جنگين ۾ تير ترار هڻڻ ۾ سندن ڪو مٽ شاني ڪو نه هو. اڪيلي طور هنن جُنگ جوانن اهي ڪارناما ڪري ڏيکاريا، جهڙا اسان جي جوڌن صليبيءَ جنگين ۾ ڪري ڏيکاريا هئا. ان زماني جنگ سائنس جو روپ اختيار ڪو نه ڪيو هو ۽ جنگي سوٽ شخصي بهادري ۽ ڀاڳن تي مدار رکندي هئي، جڏهن انسان

ڪي جنگ جي سائنسي ڄاڻ آئي ۽ جديد هٿيار منصوبہ بندي ۽ تنظيم ڪي گڏ استعمال ڪرڻ جي پروڙ پئي، تہ راجپوت طريقي واريءَ جنگ جي اهميت ڪا نہ رهي. ان سان گڏ اهڙيءَ جنگ سان لاڳاپيل ڪوپا مٿير مڙس بہ اهميت وڃائي ويٺا. اڄ جا پرمار سوڍا بہ پنهنجي انهن ابن ڏاڏن جيان جهونجهار جوان آهن، جن عمرڪوٽ ۽ رتوڪوٽ فتح ڪيو هو پر منجهن ايڏي آڏ وڏائي آهي، جو ڪنهن ضابطي ۽ اصول هيٺ اچي وڙهي ڪو نہ ٿا سگهن. اڄ جي مهذب دنيا فوجي ضابطن ۽ قاعدن کان پوريءَ ريت باخبر آهي، جن جي نہ هئڻ ڪري فوج ڪي بي ضابطہ هٿيار بند ٽولو سمجهيو ويندو آهي.

عمرڪوٽ جا راڻا هندستان جي شهنشاهہ يا سندس نئتي ۾ رهندڙ نواب جا ڏن ڀرو هئا ۽ ڪانئن خلعتون ۽ سروپائون وٺندا هئا. تن ڏينهن حڪمران قبيلي جي سردار کي راڻو چيو ويندو هو. اهو ياد رکڻ گهرجي تہ هن صدر مقام کي شهنشاهہ اڪبر جي ڄمڻ ڪري وڏي شهرت ملي آهي. هيءَ اها جاءِ آهي، جتي همايون، شاهي تخت جي غاصب شير شاهہ کان ڀڄي لڪي اچي پناهہ ورتي هئي. مذڪوره ماڳ شهر جي اتر_اولهہ طرف اڌ ميل پنڌ تي موجود آهي.

ڪتبي تي لکيل تحرير هن ريت آهي، مستقبل جي شهنشاهہ اڪبر پهريائين هت اک کولي 1542ع.

عمرڪوٽ ۽ رتو ڪوٽ جي فتح کان پوءِ سوڍا ماٺ ڪري ڪونہ ويٺا. پر بخت آزمائي لاءِ ٻين علائقن ڏانهن بہ هليا ويا. اهو پتو ڪونہ ٿو پوي جنهن وقت سوڍن پارڪرن تي دنگو ڄمايو تہ اتان جي صورتحال ڪهڙي هئي ڪي روايتون اسان کي ٻڌائين ٿيون، تہ ڪن سوڍن عمرڪوٽ کان اچي يارهين صدي عيسويءَ ۾ پارڪر تي قبضو ڪيو ۽ ڪيترن ئي صدين کان پارڪر ۽ ويراواهہ جون زمينون سوڍن راجپوتن جي قبضي هيٺ آهن. تمام گهڻي وقت کان وٺي ۽ دستاويزي معلومات مطابق پارڪر جي سوڍن جي مکيءَ کي راڻي جي لقب سان سڏيو ويندو آهي.

1750ع ۾ عمرڪوٽ جو قلعو سنڌ جي ڪلهوڙا گهراڻي جي حڪمرانن جي قبضي هيٺ آيو. انهن ڏينهن کان وٺي سوڍن جي ڀاڳ جو ستارو، جيڪو ڪڏهن عروج تي هو، سو لهڻ لڳو هو. ان دوران هو پنهنجي آزاد حيثيت وڃائي چڪا هئا ۽ سنڌو ماٿريءَ جي مسلمان حڪمرانن جي توهين آميز سلوڪ کان ڊڄي، عمرڪوٽ ڇڏي، ويرا واہ ۽ پارڪر جي ڀرپاسي ٿر جي ڀٽن ۾ ٽڙي پکڙي ويا ۽ اتي موجود زمينن جا مالڪ بڻجي ويا. پنهنجو قبيلو ڪين عمرڪوٽ جي راڻي جي لقب سان سڏيندو هو ۽ هو ڪنهن جا بہ ڏن ڀرو ڪونہ هئا. هن علائقي جا طاقتور يا ننڍا وڏا قبيلا راجپوت قوميءَ سان تعلق رکن ٿا.سندن مٿي مائٽي جا رشتا ناتا ڪڇ سان وڌيڪ آهن.هيءُ ملڪ بہ راجپوت نسل سان تعلق رکي ٿو.پنهنجا پٽ ۽ ڌيون گهڻو ڪري هتي پرڻائيندا آهن. ٿر جون سوڍيون مشرق جي سهڻين عورتن منجهان آهن. سندن اعلائيءَ اخلاق ۽ سونهن تي شاعري ڪئي ويندي آهي. ۽ ڪيترين ڪهاڻيون انهن سان وابسطہ آهن اڳواڻي زماني ۾ تہ حُسن تي خونخوار مقابلا ٿيندا هئا. اسان جي تحقيق جو مقصد صرف اهو معلوم ڪرڻ آهي تہ سوڍا ڪٿان آيا ۽ ڪيئن ٿر ملڪيتن جا مالڪ بڻجي ويا.ان کان ٻاهر جاچڻ پرکڻ اسان جي موضوع کان ٻاهر آهي ۽ اسان اها تحقيق ڪري ورتي آهي. سندن ان حيثيت تي پهچڻ يا وٺن ڪن رعايتن ۽ سهولتن جي موجود هجڻ بہ سوچڻ جوڳي حقيقت آهي.پر هي ڳالهہ ذهن ۾ رکڻ ضروري آهي ، تہ ٻين جي حقن تي ڌاڙا هڻڻ ڄڻ هڪ عام روايت آهي. پوءِ ڪٿي ماڻهو انکي ناپسند بہ ڪري . مشرڪ ۾ تلوار جي زور سان ننڍي يا وڏي حڪمراني قائم ڪري سگهجي ٿي.هتي طاقت کي صحيح سمجهيو ويندو آهي، يعني جيڪو ڏاڍو سو گابو وارو رواج آهي. بابر قابل تي تخت ويٺو. تلوار جي زور سان قنڌار تي قبضو ڪيائين. پنجا ب ۾ پاڙون مضبوط ڪري، دهلي تي ديرو ڄمايائين. ڪيس اهڙو ڪو حق ڪو نہ هو پر هو ائين ئي ڪري سگهيو پئي.ڇاڪاڻ تہ هٿن ۾ ننگي تلوار هئي . ساڳي تلوار سان جاڙيجن ڪڇ فتح ڪيو . ڪلهوڙن بہ تلوار جي طاقت سان سنڌ ۾ بادشاهي قائم ڪئي. اهڙيءَ ريت ٽالپرن بہ پنهنجو وارو وڄايو. تلوار جي زور سان بادشاهي ڪرڻ جو جو

حق مغرب جي عيسائي دنيا ۾ موجود آهي، تہ مشرق ۾ بہ انجا ڪيترائي مثال ملن ٿا.جن تي بحث ڪرڻ اسانجي موضوع کان ٻاهر آهي. تاريخ ، انهن قومن جي مقدر جي ڪٿا کان ٿورو ڪجهہ ڪٽي ويجهو آهي.جن فاتحن جي اشارن تي سڀ ڪجهہ قربان ڪري ڇڏيو جن وٽ قانون جو نہ پر فاتحن جي مرضيءَ جو احترام هو. ڪين حڪمراني ڪرڻ جو ڪو بہ حق ڪونہ هو. پر پرائي اقتدار ۾ حڪمراني ڪرڻ جو ڪو حق ڪونہ هو. پر پرائي اقتدار ۾ حڪمراني تي دنگو چمائڻ سندن مرضي ۾ شامل هو. راهمان ۾ نهڙيا مسلمان قبيلن سان تعلق رکن ٿا.سندن لٽ سردار ٿر جي اولاهين حصي واري زمينن جا مالڪ آهن.جيڪي اصلي سنڌ جي زمين سان دنگئي آهن. اهو پتو ڪونہ ٿو پوي تہ اهي ڪهڙي زماني ۾ ۽ ڪهڙين حالتن هيٺ اچي ٿر نڪتا. پر امڪان اهو آهي تہ اهي سورهين صدي ۾ هتي آيا هوندا. راهمن جو تعداد 1100 ۽ نهڙين جو شمار 900 کن ٿيندو. اهي سوڍن کان سگَ وٺندا آهن. ان کان پوءِ اهم ڪوسن جو قبيلو آهي، هن ذات تي بہ ٿي سٺو ن لکڻ لازمي آهي، ڇاڪاڻ تہ سندن موجودگي ٿر ۾ ڪڇ تي گهڻو اثر انداز رهي آهي. ڪوسا مسلمان قبيلا تعلق رکن ٿا.هو ڪلهوڙن سان گڏ سنڌ ۾ آيا. جڏهن 1782 ـــ ۾ جو زوال آيو تہ سنڌ ڇڏي ماروڙ ۾ سنڌو ماٿرد جي وچ تي ٿر جي رڻ پٽ تي ٽڙي پکڙي ويا.اهي قداور هاٺي سان ڏيل ۾ ڏيا وارا جنگجو آهن.بک ڏک جا ڏاڍا ۾ مهم جو آهن، جيڪڏهن ڪنهنن ذميواري جو ڪم سنڀاليندا، تہ ڏاڍ قڙت چالا ڪ بڻجي پوندا آهن. جي واندا هوندا آهن تہ ڏاڍا سست ۾ نڪما ٿي ڏسبا آهن.ٿر اهڙي جگهہ آهي، جتي سندن صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ جو موقعو مليو. ڪيترن نسلن کان گهوڙو ۾ تلوار سندن گذر سفر جو وسيلو رهيا. جيستائين ڪلهوڙا سنڌ جا حڪمران رهيا ۾ ڪين خدمتن جو معاوضو ملندو رهيو. تہ هي بہ نيڪ نيتي سان سندن ٻانهن ٻيلي رهيا. پر هاڻي هي قبيلو بي روزگار آهي . ٽالپرن وٽان ملڻ جي ڪين آس اميد ڪانہ آهي. جيڪي ڪلهوڙن جي زوال کان پوءِ اقتدار ۾ آيا. موجوده دور ۾ سندن ٿر ٿر ۾ ٽاڪ لڳا پيا آهن . هتان جي مقامي ٺري سردارن سان جهٽ تي بنا ڪجهہ هٿ پير هڻڻ جي پنهنجو گذر سفر ڪري وٺندا آهن.

هونءَ هو پورهئي پنجڙ مان ڪونہ ڇاٽن. جڏهن گنديءَ سوچ وارا هڪڙا ماڻهو ساڳي سوچ رکندڙ ماڻهن سان اچي ملندا آهن ۽ هڪ ٻئي جي صحيح مشرقي نموني سان مدد ڪندا آهن، تہ ٻين جي مڏين ملڪيتن ۾ ڀاڱي ڀائيوار بڻجي ويندا آهن. سندن لٽ مار جي ڪارواين جي دائري مان اسان هي نتيجو ڪيون ٿا تہ هڪ طرف ڀُڄ جا دروازا سندن پهچ کان پري ڪونہ هئا، تہ ٻئي پاسي راڌڻ پور جون بازاريون سندن تکين تلوارن کان محفوظ ڪونہ هيون. ٽئين پاسي خود احمد باد بہ سندن ارڏاين کان وانجهيل ڪونہ هو. ٿر جا مارو جيڪي سانگي زندگي گذاريندا آهن ، سي بہ مسلمان قبيلي سان تعلق رکن ٿا. هتان جا اصلي رهاڪو، سنڌ کان هجرت ڪري هتي پهتا آهن . جن مان اوٺيا ۾ رونجها انگ جي لحاظ کان خاص اهميت وارا قبيلا آهن. قديم زماني کان وٺي اهي مارو لوڪ چوپائي مال تي گذر سفر ڪندا اچن . سندن رهڻي ڪهڻي ۾ پراڻي زماني جون روايتون محفوظ آهن خاندان جو وڏو پيءُ هوندو آهي . هر قبيلو ڏاڍي امن آشتي سان گذاري ٿو.قبيلي جي ڇيڙي نبيري چڱن جي ذميواري هوندي آهي. اهي قبيلاهڪ ماڳ تي لڏا لاهي ڪپ ڪوڙي ويهي ڪونہ رهندا پر مال جي چاري جي ڳولا ۾ وتندا آهن .سانگ ڪندا هڪ جوءِ مان داڻو پاڻي کٽو تہ ڏوري وڃي ٻيءِ دڳي کي ڏسندا. هاڻي هنن کي پنهنجي ۽ پنهنجي ملڪيت جي بچاءِ ڪارڻ ٿر ۾ ڏنارڪو ڏنڊو ڇڏي . پوکيءَ ڀلا هيءَ ڏانهن ڌيان ڏيڻ شروع ڪيو آهي . اڳي پنهنجي سڄ ڪٽنب سميت وين ۾ ولهارن جي تاڙ ۾ ڏورانهن ڏيهن ڏانهن بہ نڪري ويندا هئا.پر هاڻي ايئن ڪونہ ڪن.پنهنجي گهر جا ڀاتي پوڙها ماڻهو پنهنجي اصلي ڳوٺ ڇڏي ، جوان ماڻهو پنهنجا ڌڻ ڪاهي ، اوري پري هليا وڃن . ڪڏهن ڪڇ ، گجرات ۾ ابو جبل تائين بہ سانگ ڪري ويندا آهن. بهر صورت اهي قبيلا پنهنجي ڳڻن ۾ خوبين ۾ سانگي آهن ۾ ڪين ٿر ۾ پنهنجا ٽاڪ آهن ۾ جڏهن اوهيڙي جي اوڪ ۾ پلرجي پالوٽ ٿيندي آهي .گسن، پٽن، پٽن ۾ پوٺن تي گاهہ موريندا آهن . تہ هر ٿي پنهنجي اباڻي جوءِ سنڀاليندو

آهي . اڳئين زماني ۾ جڏهن ٿر ۾ ماڻهن جي هاڻي کان آبادي گهٽ هئي.۽ ماڻهو پنهنجو ۽ پنهنجي ملڪيت جو بچاء گهٽ سمجهندو هو. تڏهن پوڪي راهي لاءِ زمين بہ ٿوري استعمال ٿيندي هئي. ماڻهن کي پنهنجي ماڳن تي قبضي برقرار رکڻ ۾ ڪا تقليف ڪانہ ٿيندي هئي

حقيقت حال اها آهي تہ ٿري ماڻهو هڪ ٻئي جي حق جو احترام ڪندا آهن . هاڻي صورتحال ڪجهہ ٻي آهي. ادم شماري جو انگ وڌيو آهي . ڪيتي چڱي نموني ٿئي ماڻهن کي پنهنجي ۽ پنهنجي ملڪيت جو تحفظ يقين آهي. ڍل جو حساب تمام ٿورو رکيو ويو آهي .فطري طور نتيجو اهو ٿيو آهي، جو ٿر يا ڳوٺ جي پرسان جيڪا بہ آبادي جي لائق زمين آهي.سا ڪيڙي ويندي آهي. ٿي قبيلن جا مرد ماڻهو ڏاڍا جاننا جوان ۽ با اخلاق آهن. ماڻهن جو ٻيو طبقو ڀيلن سان تعلق رکي ٿو. جنهنجون ڪيتريون ئي ڇاڙهون آهن.هڪ قبيلي جو نالو مئيmay آهي. جيڪو ٻلهياري جي اوپر طرف رڻ جي وٽ سان رهي ٿو.اهي پاڻ کي رڻ ۾ رهندڙ ڀيلن کان مٿانهون سمجهندا آهن. سنڌ جي امير ن جي ماتحت آهن.۽ ڪين اٽويهہ ٽر يا ٽڙ ميل آهن .ڪائين زمين جي ڪا بہ ڍل وغيره وٺڻ ۾ ڪانہ ايندي آهي. سنڌ جي فتح ٿيڻ ڪانپوءِ 1844 ۾ ساڻن اهڙي رعايت برقرار رکي ويئي هئي.ڇاڪاڻ تہ قبيلي جي پٽيل واعدو ڪيو هو .سندن قبيلو چوري چڪاري جي عادت ڇڏي ڏيندو ۽ ضرورت وقت انگريز سرڪار جي مدد ڪندو. اڄ ڏينهن تائين ڪيل واعدا صحيح نموني سان نبهايا ويا آهن. قبيلي جي پٽيل جي نظر هيٺ قبيلي جو هر ماڻهو هڪ ٻي سان سٺو ورتائيندو آهي. ٿر ۽ پارڪر ۾ رهندڙ ڀيل ڪنهن اهميت جي لائق ڪونہ آهن .سندن طبقو سماجي طور ڏاڍو گهٽ سمجهيو ويندو آهي.سماجي اصولن جي پوئواري ڪرڻ ڪونہ ڄاڻيندا آهن. محنت مزوري ۽ امن آشتيءِ سان سندن اصلئون ڪانہ پئي. سال جي هڪ خاص موسم ۾ ڏٽ ۽ پاڻي لاءِ جنگهن ۾ جهوتون ڏيندا وتندا آهن. پنهنجي قبيلي جو هر حڪم اکيون ٻوٽي مڃيندا آهن.جيڪي هر ڏکي ويل سندن پرجهلو هوندو آهي. ڏوهن جا انگ اکر ٻڌائين ٿا. تہ گذريل ڪيترن سالن کان ٿر ۽ پارڪر ۾ جيڪي بہ ڏوهہ ٿيا آهن. تن جو ذميوار هي طبقو آهي. ۽ ساڳي وقت هڪ سٺي ۽ ٻڌائڻ جوڳي حقيقت اها بہ آهي. تہ هنن علائقن ۾ جيڪي بہ ڏوهہ ٿيا آهن ، سي تمام ٿورا ۽ هلڪي قسم جا آهن. انجو سبب اهو آهي.تہ قبيلن جا پٽيل ۽ مٿين طبقن جا ماڻهو اسان جي هر ڏس ۾ سهائتا ڪندا آهن. واپاري طبقي لاءِ مان گهڻو ڪونہ ڳالهائيندس .تہ سنڌ فتح ٿيڻ وقت ٿر ۽ پارڪر ۾ واپار نالي ماتر هلندو هو. هتان جا واپاري ريزڪي واپار مان گهٽ اوپراسو پرائيندا هئا. گهڻو ڪري ڪڇ مان درآمد ڪيو ويندو هو. واپاري مال جي آمدرفت خطري کان خالي ڪانہ هوندي هئي سنڌ جي فتح کان هڪدم پوءِ مٺي ڏيپلي ، ويرا واه ۽ ننگر پار ڪر جي واپارين ۾ اعتماد بحال ٿيو. ۽ ٻاهرن سالن جي اندر واپار تمام گهڻي ترقي ڪئي آهي. ڏيپلي جا ميمڻ ۽ مٺي جا برهمڻ خاص طور تي سنڌ سان واپار ڪندا آهن ڪڏهن ڪڇ مان مال گهرائي وٺندا آهن ڪڇ ڏانهن ويندڙ تجارتي مال ۾ گيهہ سڀ کان وڌيڪ هوندو آهي. مٺي جي واپارين کي گيهہ جي واپار ۾ ڪي رعايتون مليل آهن پڇ ايندڙ مال تي ڪجهہ بہ سُنگ ڪونہ ڀريندا آهن. ويرا واه ۽ ننگر پارڪر جا واپاري گجرات جي راڌڻ پور سان ڏنڌو ڪن ٿا ۽ ان سان گڏ ڪنيات جي ڪارئ واري ڍوليرا بندر سان بہ سندن تجارتي واسطو آهي. وڌندڙ واپار سبب ويراواه ۽ ننگر پارڪر جي شهر ن جي شڪل صورت ئي بدلجي ويئي آهي . ڀهريو ن سندن جايون تمام سوڙهيون ، وٽن جي جهاتر سان واٽيل ۽ گپ گار ي سان ٻنيل هونديون آهن پر هاڻي ٻنهي شهرڻ ۾ عاليشان جايون ٺهيل ڏسڻ ۾ ايندييون.جن ۾ ڪاشي جي سرن جو استعمال ٿيل آهي . واپار کي ترقي ڏيارڻ واسطي خاص ڌيان ڏنو ويو آهي. واپارين جا ڪيترائي خاندان جيڪي اڳي پارڪر ۾ رهندا هئا ۽ ٽالپر دور ۾ لڏي شهر ڇڏي ويا هئا ، سي سڀ هاڻي پنهنجي اصلي ماڳن تي آيا آهن ۽ اسانکي پوري يقين تہ هيءُ طبقو ڏينهون وڌندو ۽ ترقي ڪندو رهي ٿو.

# سارو سنگهار
# ۽ ڪارايل ڪپوري جي ڪهاڻي

راحب علي لاڙڪ

سارو سنگهار سنڌ جو مشهور مارو هو جنهن جو وطن ٿرپارڪر بدين ۽ ڪڇ واري ايراضي هئي، ڪجهه عرصي کان پوءِ ساماري تعلقي جي اتر اوڀر واري ايراضي ۾ رهندڙ هو. تعلقي ساماري جي هڪ ايراضي سندس نالي ڪپوراڙو سڏجي ٿو. ساري سنگهار جو اٺن ويهن گهٽو ڪري ڪڪرالي ۽ وڳهه ڪوٽ ڏاري بہ ٿيندو هو. هڪ ڏينهن ه غريب ماڻهو ساري سنگهار کان ڏس پڇڻ آيو هو تہ "آئون ڪهڙو مال ڏاريان " ان وقت ساروسنگهار ستو پيو هو تہ سندس ڏيءُ ڪپوري ان ماڻهو کي چيو تہ تون وڃي رڍون ڏار اهو آواز ٻڌي سارو سنگهار جاڳي پيو ڏي کي چيائين تہ " پٽ! اهو ڏس ان کي ڏجي جنهن کي پنهنجي ڏي ڏجي.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي رسالي ۾ سر سارنگ سر سهڻي سرمارئي ۽ سر ساري سنگهار جو ذڪر ٿيل آهي، انهن سرن مان شاهہ سائين ساري سنگهار جو سڀ کان وڌيڪ هر ڏهر جي 21 قبيلي جي نهايت پراڻي شاخ آهي،جيڪو سارو سنگهار ولد سمون ولد پريمون ولد ڳاهو ولد ڦل ولد ساهڙ ولد مهڙ ولد سراءِ لاکو ولد لاکيارو ولد اوڍ ولد اوڍر ولدوڏهار ولد ليءِ ولد سراءِ ولد دسرت ولد ڀرت ولد ڀاڳرت ولد برد ولد چند ولد هسپت ولد جادم ولد سام.

معمور يوسفاڻي صاحب لکي ٿو تہ ساروسنگهار سنڌ جو مشهور مارو هو.جنهن جو وطن ٿر پارڪر بدين ۽ ڪڇ واري ايراضي هئي، ڪجهہ عرصي کان پوءِ ساماري تعلقي جي اتر اوڀر واري ايراضي ۾ رهندڙ جو تعلقي ساماري جي هڪ ايراضي سندس نالي ڪپوراڙو سڏجي ٿي، ساري سنگهاري جو اٺن ويهن گهٽو ڪري ڪڪرالي ۽ وڳهہ ڏاري ٿيندو هو.

سنگهار لفظ جي معني آهي ڌڻ وارو، مارو مال چاريندڙ داناءِ پهلوان.

سنگهار وٽ اُٺ گهوڙا چاند گاڏيون رڍون ٻڪريون، مينهون ۽ ڳئون وڏي انگ ۾ هونديون هيون تن ڏينهن ۾ ايترو مال سنڌ ۾ ڪنهن ڀاڳئي يا امير وٽ نہ هيو. کير ورهائڻ جو رواج ساري سنگهار وڏو هو ۽ پاڻ هر خميس جي رات سمورو کير غريبن ۾ ورهائيندو هو سندس اها خاصيت لاکيڻي لطيف کي تمام گهڻي وڻي تہ ڀٽ ڌڻي چئي ڏنو.

کير ڪريندي ريس، آيل سنگهارن سين،

جنين جي خميس ، منڊي مور تہ مٽ ۾،

گهڻي مال سبب سارو سنگهار هڪ هنڌ ويهي نہ سگهندو هو ۽ ڪڪن جي آسري ڀيو وٿاڻ بدلائيندو هو پاڻ مال کي جهٽ سڃاڻي ويندو جو. البتہ ماهي مال جي فطرت کي سڃاڻڻ ۽ سمجهڻ ۾ وقت محسوس ٿيندي هيس، سياري ۾ مينهن کي پاڻي تلندو ڏنائين ۽ وري ڪاڙهي ۾ مينهن کي ڪاڙهي جي سامهون اوڳاريندي ۽ آرام ڪندي ڏنائيندي تہ چوڻ لڳو خبر ناهي مينهون پاڙي جون ٿهيل آهن ڪ باهہ جون، ساري سنگهاري کي ٻہ ڏيئر ۽ چار پٽ هئا. عمر جي ڇيڙي ۾ هن انهن ۾ مال ورهائڻ کان اڳ ۾ ڪانئن پڇيو هو تہ اوهان کي ڪهڙو ڪهڙو مال مال گهرجي، وڏي پٽ اُٺ

۽ گھوڙا ورتس ، ٻئي پٽ ڏيگيون ورتيون، ٽئي پٽ رڍون ۽ ٻڪريون ورتيون ۽ چوٿين پٽ چيس تہ مون کي تنهنجي محبت گهرجي، مال نہ کپي ساري سنگهاري اهو ساڃاهہ وند پٽ پاڻ سان رهايو ۽ باقي ٽن پٽن کي مال ڏنائين الله جي ڪرٽي هينئن ٿي، جو ان محبتي سنگهار وٽ مال جا وري بہ وٿاڻ ڀرجي ويا ۽ پائرن هن جي گهٽي مال کي ڏسي ريس ڪندي رهيا، هڪ ڏينهن هڪ غريب ماڻهو ساري سنگهاري کان ڏس پڇڻ آيو هو تہ ، آءِ ڪهڙو مال ڌاريان ان وقت سارو سنگهارو ستو پيو هو تہ سندس ڏي ان ماڻهو کي چيو تون وڃي رڍون ڌار " اهو آواز ٻڌي سارو سنگهار جاڳي پيو ۽ ڏي کي چيائين تہ پٽ! اهو ڏس اُن کي ڏجي جنهن کي پنهنجي ڏي ڏجي،

مرحوم محمد سومار شيخ پنهنجي هڪ مقالي ۾ لکي ٿو تہ لاڙ ۾ ساري سنگهار کي مال جو پير ڪري مڃيو ويندو آهي، لاڙ ۾ ڀاڳيا، کتر ڳئون ۽ مينهن کي ساري سنگهار جو قسم ڏيندا آهن ۽ سمجهندا آهن تہ ساري سنگهار جو سنهن مال کي ڏبو آهي تہ مال مستي ڇڏي ڏيندو آهي سنڌ ۾ لکين ڀاڳيا ٿي گذريا آهن ، پر ساري سنگهار جهڙو ڀاڳيو نڪو ٿيو مالوند ماڻهن کي اڄ بہ سندس نالي پٺيان "سنگهار" چئي سڏيو وڃي ٿو گويا سنگهار "ساري سنگهار" جي ياد قائم رکيو اچن.

سنگهار جي ڪپوري نالي ڌي جڏهن جوان ٿي تہ ڪپوري شرط رکيو تہ " منهنجو ور اهو ٿيندو جيڪو ستن سانن ڪيڻ وارو چڙو اڪيلي سر ڪيڏي ڏيکاريندو انهي ڪم لاءِ ڪئين ڪونڌر آيا، پر چڙو ڪنهن کان ڪونہ نڪتو نيٺ سڀ جوان نا اميد ٿي هليا ويا ، آخر تر جي ڪارايل سمي کي خبر پئي تہ هو بہ ڪهي آيو پوءِ ڪارايل اهو شرط پورو ڪيو هن انهي چڙي کي ڇڪي ڪيڏي ورتو سارو سنگهار، جيڪو اتي موجود هيو ان پنهنجي ڌي جو سڱ ڪاريل سان ڪيو، پوءِ هي زال مڙس پولڙيا ڳوٺ ۾ اچي رهيا ڪپوري کي وينجهار نالي پٽ ڄائو جيڪو وڏو ڀاڳيو ٿي ساماڻو ۽ آخر ڪڇ جو راجا ٿيو شهر وينجهاڻ سندس نالي پٺيان سڏبو هو

ڪارايل جي عادت هوندي هئي تہ جڏهن بہ ڪنهن سردار جي محلات مان ڦر ڪرڻ ويندو هو تہ پاڻ سان ڪافي تعداد ۾ پوتيون ڪٽي ويندو هو اهي گهر ڌياڻين کي اوڍاڻي ڏيئي پوءِ هيرا جواهر ۽ روڪڙا ڪٽي ايندو هو هن ڪڏهن بہ نہ ڪنهن عورت کان زيور لهرايا، ۽ نہ ئي ان جي ڏاج جي سامان کي هٿ لائين ان ڪري هن کي عام طرح سرهو چور ڪوٺائيندا هئا،ڄام ڪارايل ولد ڄام پيگهر کي هڪ راجا پنهنجي وزيرن سپاهين سان گڏجي ماريو ۽ سندس ڌڙ اتي دفن ڪري , سر سنگهار ڏانهن موڪليو،سر جئين ئي ڪپوري ڏٺو تہ هو هوش وڃائي ويٺي پوءِ پنهنجي سورهيہ ور جو سر پيڱهي ۾ رکي ان کي لوڏڻ ۽ ورچ راڙو ڪرڻ لڳي، ڪپوري جي انهي ورچ راڙي واري حقيقت ڏانهن اشارو ڪندي، ڀٽائي سائين هئين فرمايو آهي:

ڪارايل جي ڪوڏ، موت ننگر گهٽا نهاريا،

پيڱهي پيو لوڏ، سر سمي ڄام جو

ڀت ڏٺي ڪارايل ڪوندر کي سرڪارايل جي نون بيتن ۾ ڳايو آهي، شاهہ صاحب لاڙ ۽ ٿر تان ڀيرا ڪري ٻين ڪردارن سان گڏ پنهنجي رسالي ۾ ڪارائڙي ڪونڌر ۽ ساري ساري سنگهار کي بہ آمر ڪري ڇڏيو آهي،

# هڪڙي هئي خيرو!

جامي چانڊيو

زندگيءَ ۾ اڳتي نهارجي ٿو تہ وقت جو احساس ئي نہ ٿيندو آهي. لڳندو آهي وقت اڳتي سُري ئي نہ ٿو. زندگي ڄڻ تہ اوسيئڙو ۽ انتظار ٿيو پوي. وري جڏهن ڪا ياد، ڪو وڇڙي ويل ماڻهو، ڪو گذري ويل پل يا حادثو ڪا پوئتي رهجي ويل سار، ڪي آڏ ۾ رهجي ويل ماضيءَ جون وِڪون، ڪنهن لمحي هنيانءَ ۾ چُهنڊي پائي زندگيءَ ۾ پنٺتي نهارڻ تي مجبور ڪنديون آهن تہ ماڻهوءَ کان بي ساختہ دانهن نڪريو وڃي، مارِ! زندگي تہ بس ڪجهہ يادن، حادثن، ناڪامين، ڪاميابين، حسرتن ۽ آڏ ۾ رهجي ويل اُڌمن ۽ ڪنهن اڄاتل بيوسيءَ ۽ اداسيءَ جو نالو آهي. ماڻهوءَ جي حياتي بس ڪجهہ پاڻمرادو ڪنيل ٻرانگهون ئي تہ آهن. ماڻهوءَ جو ٻاروتڻ تہ هڪ ڏنڏلي خواب جيان اک ڇنڀ ۾ گذريو وڃي. اسان وٽ تہ گهڻن تي ٻاروتڻ ايندو ئي ناهي. خوشين ڪانسواءِ ڪهڙو ٻاروتڻ! ماڻهوءَ جي ٻي ٻرانگهہ بي پرواهہ جوانيءَ ۾ تہ ٽين ٻرانگهہ ۾ ماڻهو پيريءَ کان ٿيندو وري ٻاروتڻ ۾ پهچيو وڃي. بس فرق رڳو ايترو آهي جو ٻاروتڻ ۾ زندگي بي پرواهہ ۽ سراپا اتساهہ هوندي آهي ۽ پيريءَ ۾ بس هڪ بارُ!

اڪيون ٻوٽي تصور جي اکين سان پنٺتي نهاري زندگيءَ ۾ وڇڙي ويل پيارن ماڻهن کي ساريان ٿو تہ روح مان سَٽَ اُڀريو وڃي. دل نہ ٿي مڃي تہ سنڌ جي سدا ملوڪ ڪهاڻيڪاره ۽ ليکڪا خيرالنساءِ جعفريءَ ۽ منهنجي آپا خيروءَ کي وئي پريا چوڏهن سال ٿي ويا آهن. ويساهہ ئي نہ آيو. فون ڪري آپا خيروءَ جي ڌيءَ صائمہ کان پڇيم تہ: هن بہ تصديق ڪئي تہ ڪيس وئي چوڏهن سال ٿي ويا آهن. زندگيءَ ۾ انيڪ ماڻهو گڏيا، ڪيترن سان زندگي گڏ گذري، هر رنگ ۽ ڍنگ جا ماڻهو زندگيءَ ۾ آيا ۽ ويا. پر خيرو سنڌ تہ ڇا هن ڪائنات ۾ هڪ ئي هئي. خيرو ڪير سڏائي! آپا خيرالنساءِ جعفريءَ سان منهنجون ٻٽيهہ نہ پر ٻٽيهہ هزار دليون هيون. هن جون بہ مون سان جيءَ جون جڙيون هيون. خيرالنسا جعفري، هونئن تہ سندس سڃاڻپ لاءِ اهو نالو ئي ڪافي آهي، ڀلا سنڌ ۾ ڪير نہ سڃاڻي "تخليق جو موت"، "69،68،67" ۽ "حويليءَ کان هاسٽل تائين" جهڙين منفرد سنڌي ڪهاڻين جي بي باڪ ليکڪا کي؟ ڪو وقت هو جڏهن حيدرآباد جي هر ادبي محفل هن ڪانسواءِ ٻُسي هوندي هئي، يا ڪنهن بہ ادبي فنڪشن جي ڪاميابيءَ لاءِ اهو ئي ڪافي هوندو هو تہ ان جي دعوت نامي تي خيرالنساءِ جعفريءَ جو نالو هجي. هوءَ جڏهن ادبي محفلن ۾ تقريرون ڪندي هئي تہ هال سندس ٻڌندڙن جي بي اختيار ٽهڪن سان گوجندا هئا ۽ اوچتو ڪلائيندي ڪلائيندي هوءَ ڪا اهڙي چُڀندڙ ۽ دل کي ڇهندڙ ڳالهہ ڪري ويندي هئي جو ماڻهو سوچ ۾ ٻڏي ويندو هو تہ هوءَ ڇا ڇا نہ چئي وئي! گهڻن جيان مان بہ ڪيس خيرو سڏيندو هوس ۽ نصير مرزا کان وٺي ٽنڊي ولي محمد جا موالي ڪيس "ادي گُڏي" سڏيندا هئا. هوءَ حيدرآباد ۾ مون لاءِ ڄڻ تہ سڀ ڪجهہ هئي، هڪ رازدان دوست، بنهہ حجائتي سهيلي ۽ ماءُ جهڙي مهربان.

اڪيون ٻوٽي تصور جي اکين سان پنٺتي نهاري زندگيءَ ۾ وڇڙي ويل پيارن ماڻهن کي ساريان ٿو تہ روح مان سَٽَ اُڀريو وڃي. دل نہ ٿي مڃي تہ سنڌ جي سدا ملوڪ ڪهاڻيڪاره ۽ ليکڪا خيرالنساءِ جعفريءَ ۽ منهنجي آپا خيروءَ کي وئي پريا چوڏهن سال ٿي ويا آهن. ويساهہ ئي نہ آيو. فون ڪري آپا خيروءَ جي ڌيءَ صائمہ کان پڇيم تہ: هن بہ تصديق ڪئي تہ ڪيس وئي چوڏهن سال ٿي ويا آهن. زندگيءَ ۾ انيڪ ماڻهو گڏيا، ڪيترن سان زندگي گڏ گذري، هر رنگ ۽ ڍنگ جا ماڻهو زندگيءَ ۾ آيا ۽ ويا.

عبدالقادر جوڻيجي صحيح چيو آهي تہ "گڏي، خيرو ۽ خير النساءِ جعفري هڪڙو ماڻهو هڪڙو روپ، ٽي نالا. جنهن کي جهڙي ڏسڻ ۾ آئي، انهيءَ کٽي اهڙو نالو رکيو هوندس". هونئن تہ ماڻهن جي سوچ، زندگيءَ ۽ ڪردار تي ڪتاب لکي سگهجن ٿا. پر اسان جي خيرو بيان ڪرڻ کان زور آهي. هن جي شخصيت ۾ سياءَ جو پنهنجو هڪ تڪو مِٺو ذائقو هو جنهن کي شايد لفظن ۾ بيان نہ ڪري سگهجي. هڪ وجود ۾ سندس انيڪ روپ هئا ۽ سندس هر روپ هڪ ٻئي کان وڌيڪ نرالو، تخليقي ۽ عجيب هو. ڪيئن چئجي تہ سندس شخصيت جو ڪهڙو روپ وڌيڪ حسين هو. زنده دل، بي ريا، ٺهہ پهہ منهن تي چٽي ڏيڻ واري، ٺهي آيس تہ وَس پڳي جملن جا طنز ڀريا تير هڻڻ کان مڙندي ڪو نہ ۽ جي پاڻ کي لڳس تہ ڏَڪُ دشمن جو بہ نہ وڃائيندي، واهہ جو ڀِير تي ڏونڪو هڻي مڇيندي پر وير وري اهڙو وٺندي (هن جو وير بہ سندس جيان بنهہ معصوم هوندو هو) جو اڳئين کي پل تہ ڇٽيءَ جو کير ياد اچي وڃي. ڏسڻ ۾ بنهہ سادي، رڌٽي ۾ صندليءَ تي ويهي ماني پچائيندي تہ لڳندو هو ڪا ڳوٺاڻي سگهڙ زال هجي، جنهن زندگيءَ ۾ ڪو هڪ اکر بہ ناهي پڙهيو. خيرو لکي يا ڳالهائي تہ اهو ڏانءُ ڪو ڪانئس سکي. زندگيءَ ۾ تمام ٿورو لکيائين. پر سنڌي ادب ۾ پنهنجو اهو مقام ٺاهي وئي جو سنڌي ڪهاڻيءَ جي تاريخ سندس ذڪر ڪانسواءِ سدائين اڌوري رهندي. نفسيات جي استاد هئي پر زندگيءَ جي هڪ موڙ تي پاڻ بہ چريائپ جو شڪار ٿي. هيءَ اُها چريائپ هئي، جيڪا دل جي بادشاهہ نما فقيرن جي ڪُٽي ۾ نڪرندي آهي. هوءَ صحيح معنيٰ ۾ سنڌ جي هڪ درويش صفت انسان هئي.

هي سماجي وهنوار، جتي ماڻهو هر ڏينهن ڇا، هر گهڙي ٻين سان تہ ٺهيو پر پاڻ سان وڙهندو وتي، ٻهروپي ڪندو پنهنجي اردگرد خوشفهمين ۽ خود فريبين جا چارَ اُڻندو وتي ۽ پوءِ پنهنجي ئي اڻيل چارَ مان نڪرڻ لاءِ هٿوراڙيون هڻندو وتي، پر خيرو جهڙي اندر تهڙي ٻاهر. هوءَ اهڙي مِٽيءَ مان ڳوهيل هئي جو ڪنهن سان بہ ڪوڙ ٺڳي ۽ دوکو جي چاهي بہ ها تہ نہ ڪري سگهي ها. جو ان تي سندس ڪو وَسُ نہ هو. عبدالقادر جوڻيجي هن بابت لکيو آهي تہ، "خيرو جهڙي دوست دنيا ۾ ملڻ مشڪل آهي." مان ياڳ وارو هوس جو هوءَ منهنجي دل گهري دوست هئي. مان جي حيدرآباد ۾ هوندو هوس تہ ٻئي ٽئين ڏينهن هن سان ضرور ملاقات ٿيندي هئي. پر جي وچ ۾ ڪا وٿي پئجي وڃي تہ پوءِ سڄو ڏينهن گهر ۾ ويٺي گاريون ڏيندي هئي (گاريون ڏيڻ آپا جو محبوب مشغلو هوندو هو) ۽ سندس ڏيءَ صائمہ کي چوندي هئي، "اِهو مُئو جامي الائجي ڪيڏانهن گم ٿي ويو آهي، هاڻي اچي تہ ساڻس ڄُٽ ڪبي." وري جي مان اچي نڪرندس تہ ڏاڪڻ جي ڪڙڪي مان ئي سمجهي ويندي هئي ۽ سموري ڪاوڙ گم. ويهڻ شرط پڇندي "چانهن ڪهڙي پيئندين؟" ڳاڙهي يا کير واري؟ وري چانهہ کٽي ايندي تہ چوندي "پلا اڄ ڏينهن جو ڇا کاڌئي؟" آپا خيرو، کائڻ جي بلا جي شوقين هئي تہ کارائڻ جي بہ. ڇا تہ کاڌا ٺاهيندي هئي، جهينگن جو سنڌي پلاءُ، سيهيل پلاءُ، پلي جون تريل آنيون، ٻاڪري مغز جا ڇهرا پڪوڙا، بادامن ۽ پستن ۾ ٺهيل ڪڪڙن جون ڪڙهايون ۽ ٻيو الائجي تہ ڇا ڇا؟ سندس والد جيڪو سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ رجسٽرار رهيو، سو بہ کائڻ جو بلا جو شوقين هو. مجال آهي جو بمبئي بيڪريءَ ڪانسواءِ ڪو بسڪيٽ يا ڪيڪ کائي.

ٽنڊي ولي محمد ۾ سندس گهر "شيرين ڪارنر" گُڏي - گُڏيءَ (سندس پياءُ کي بہ گڏو چوندا هئا) جو اباڻو گهر ئي نہ، پر حيدرآباد جو هڪ جهان هو. مهمانن کي ماني ۽ چانهہ ملندي، دوستن کي گاريون، پاڙي وارين ماين کي سفيد پَنَ جون بيڙيون ۽ پاڙي جي ڪُتن کي تئي تان لٿل گرم گرم مانيون ملنديون هيون. مانيءَ جو وقت ٿيو ناهي، پاڙي جا ڪُتا "شيرين ڪارنر" جي ڏاڪڻين جي اوٽ ۾ اچي ويهي رهندا. جو ڪين خبر هئي تہ اهو خيروءَ جو گهر آهي، جتان ٻيو تہ ٺهيو پر ڪتن لاءِ بہ سڪڻو موٽڻ خيروءَ لاءِ عيب هو. زندگيءَ جي مادي حقيقتن کان بنهہ پري، نہ شهرت جي بُک نہ پئسن ميڙڻ جي هٻڇ، نہ وڏائي نہ هَٺُ، اصل ملنگ مست. ڪُرسي گهر جي هجي يا آفيس جي، هن لاءِ عذاب هوندي هئي. پنهنجي گهر ۾ پينگهي ۾ ويهندي هئي يا آڳر ۾ رکيل صندليءَ تي. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ نفسيات جي پروفيسر هئي. جڏهن ڪيس ڊپارٽمينٽ جو چيئرپرسن مقرر

ڪيائون ته عذاب ۾ هئي، جيسين عهدي تان استعيفيٰ نه ڏنائين. سُک جو ساهه نه کنيائين. ماڻهو ڪرسين خاطر سڀ ڪجهه قربان ڪرڻ لاءِ تيار هوندا آهن ۽ هوءَ هئي جو ڪرسي هن لاءِ عذاب هئي. پنهنجي گهر ۾ هن کي صائمه کان پوءِ ڪاٺ جي صندلي ۽ اُها ديلي پياري هوندي هئي، جنهن ۾ ڳاڙهي چانهه ۾ وجهڻ لاءِ ايراني يا اٽليءَ جو زعفران پيل هوندو هوس.

آپا خيروءَ کي ننڊپڻ ۾ گُڏي چوندا هئا. جو هن جو اندر زندگيءَ جي آخري پل تائين واقعي به ڪنهن گُڏيءَ جهڙو هو. خيرو معنيٰ زندگيءَ ۾ وڏن مسئلن کي ليکيندي ڪو نه ۽ ننڍڙن مسئلن لاءِ سخت پريشان ٿي ويندي. اصل زندگي حرام هوندس. ٻارن جيان ننڍڙين ڳالهين تان خوش ٿي ويندي. ڪو دوستيءَ ۾ دغا ڪري ويس ته درگذر ڪري ڇڏيندي. حضور شرميءَ کان اڳيئن کي نه چئي سگهندي ته پنهنجي منهن ويٺي ان تي عجب ڪائيندي يا صائمه ۽ منهنجي سامهون کين دل کولي گاريون ڏيندي ۽ پوءِ وري اهڙي هلڪي ٿي ويندي، جڻ ته اهي گاريون هن نه پر ڪنهن ٻئي ڏنيون. ڀلا هوندو ڪو دنيا ۾ اهڙو! جتي آپا خيروءَ جون محبتون غير مشروط هيون، اُتي سندس جهيڙا به عالم آشڪار هئا. خيروءَ سان سنگت ۽ ساڻس جهيڙو نه ٿئي. اهو ڪيئن ممڪن آهي؟ ڪوڙو ئي نٿو لڳي! جتي محبتون ڏيڻ ۾ حاتم طائي هئي، اُتي جهيڙي ۾ به هن جو "زيب داستان" ۽ افسانوي انداز ڏسڻ وٽان هوندو هو. اڳيئن جون جملي بازيءَ سان کلون لاهي، سندس ڪيسي ۾ وجهي ڇڏيندي هئي. ڊڄڻي اهڙي جهڙي سهي جي ڪلَ. اصل جهرڪيءَ کان به هيڻي ۽ جي خيرو پنهنجيءَ تي اچي ته پوءِ خبر ناهي انهيءَ سهي جي ڪل ۾ اُها سگهه ڪٿان اچي ويندي هئي. خيرو پنهنجيءَ تي اچي ته سمنڊ پار ڪري ويندي ۽ جي آنڪي بيهي رهي ته سندس لاءِ ڪَکُ به ڳرو. پر سندس هر انداز ۾ هڪ - جهڙائپ هئي ۽ اُها هئي سندس معصوميت. هن پنهنجي اندر جي ٻار کي ڪڏهن به مرڻ نه ڏنو. هن جي ڪِلَ، روئڻ، رُسڻ، پرچڻ، خوش فهميون، مايوسيون، دلاسا ۽ شرارتون. سڀ ٻارن جيان ئي ته هيون ۽ جيڪو ماڻهو اهڙو معصوم هجي، ان جي دل ۾ ڪير ڪندو. هونئن ته ساڻس وابسته سوين ڇا هزارين واقعا آهن پر هڪ واقعو مون کان نه وسرندو آهي. مان هڪ پيري پنهنجي دوست ڊاڪٽر محبت ٻرڙي کي وٺَس سنڌ يونيورسٽيءَ واري گهر تي وٺي ويس. ٻانيان ٿو منهنجو فلسفي دوست جاويد پٽو به اسان سان گڏ هو. ان ملاقات جي ڪجهه ئي ڏينهن کان پوءِ ڊاڪٽر محبت ٻرڙو دل جي دوري ۾ گذاري ويو. خيرو مون سان سخت ناراض ٿي ته جڏهن محبت کي جلد ئي مري وڃڻو هو ته پوءِ مون کيس ساڻس ڇو ملايو؟ محبت جو بي وقتائتو موت ڪانئس آخر تائين نه جو نه وِسريو. ايتري حساس هئي ان ڪري ئي سندس دوست ڪي گهٽا نه هئا. ڇاڪاڻ ته جنهن کي زندگيءَ ۾ دوست سمجهندي هئي، اهو/ اُها سندس ڪمزوري بڻجي ويندا هئا. ناتا وقتي طور ٽوڙيندي ٻارن وانگر هئي، پر نباهيندي عجيب انداز سان هئي، بلڪل هڪ مهربان ماءُ مثل!

آپا خيرالنساءِ جعفري گهٽو پڙهيل نه پر تمام گهڻو ڪڙهيل انسان هئي. هن زندگيءَ جي ڪتابن کي تجربن ۽ محسوسات جي اک سان پڙهيو هو. جيتوڻيڪ زندگيءَ ۾ گهڻو ۽ معياري پڙهڻ بيحد ضروري آهي. پر شايد گهڻو ڪڙهڻ ان کان به وڌيڪ اهم آهي. هوءَ سچ پچ هڪ ڪڙهيل انسان هئي. هن جتي زندگيءَ ۾ انيڪ محبتن کي ماڻيو اتي زندگيءَ جي نٽهڻ اس جهڙين تکين حقيقتن ۽ بيرحمين کي پڻ ڀرپور ڀوڳيو. اهي حقيقتون ئي هيون، جيڪي ڪيس زندگيءَ جي هڪ موقعي تي چريائپ جي درجي تي پڻ وٺي ويون. آپا خيروءَ جا آخري ڏينهن گهڻو بيمارين ۽ اداسين ۾ گذريا. زندگي هن لاءِ ڄڻ ته بارُ ٿي پئي هئي. ويندي ويندي به پنهنجي زنده دلي نه ڇڏيائين. دنيا ۾ ڪو اهڙي وصيت ڪري سگهندو!

لکي وئي: "مُئي کان پوءِ جيڪو به منهنجي قبر تي اچي ته خالي پنا، بال پينيون ۽ سفيد پَنَ جون بيڙيون کڻي اچي."

خيرو سچ پچ به هڪ عجيب انسان هئي. ماڻهو نه هئي، ڄڻ سنڌي ادب ۾ دوستن لاءِ قدرت جو ڪو انعام هئي خيرو! هن جي لکيل ادب، ڏنل محبتن ۽ بي باڪ انوکي شخصيت کي ڪڏهن به وساري نه سگهبو. آپا خيرو!

# هولي کيل مناري

رام اوڏ

سياري جي سرد هوائن کانپوءِ بهار جي رنگت ۾ جواني جهڙا احساس آهن. ڪٽڪ اميدن جا سنگ اپاريا آهن. سورج مکي سج سامهون سينو سهائي بيٺل آهي، ۽ تورئيي جا پيلا گل ڪر موڙي اٿيا آهن سنڌ جي ٻنين ۽ کيتن ۾ خوشبوءِ آهي موسمن کان مايوس ديس واسين جي دلين تي فطرت جي خوبصورتي ۾ ڀٽائي شاهه جي انهن سٽن جي تازگي جڏهن چيٽ جي ڦوٽهڙي ۾ وڻن ۾ گونچ نسرن ٿا ۽ ٻور ٻهڪي ٿو ته بنست بي رت ۾ جيون جي ريگزار پيچرن ۾ انڊلٺي روپ جنم وٺن ٿا. موسمن کان مايوس ديس واسين جي دلين تي هولي جي هوائن سان ڀٽائي شاهه جي انهن سٽن جهڙي تازگي جو تصور هولي جي جاڳ ڏيئي ٿو.

ڦگن ڦولي کيت، جيون تن تن ڦول سنگار،
هر ڊالي هل پتيان، گل ڦولن کي هار،
هوري کيلن سان گگن
هيري نين جهلارين وگن
اوکي جيون دي دن تنگ
سيني بان پريم دي لگن
هوري هوري

جڏهن چيٽ جي ڦوٽهڙي ۾ وڻن ۾ گونچ نسرن ٿا، ٻور ٻهڪي ٿو ته بسنت جي رت ۾ جيون جي پيچرن ۾ انڊلٺي روپ جنم وٺن ٿا ۽ ڌرتي جي ڌن تي اها ساوڪ سرهاڻ روپ سروپ جي سونهن لڳي ٿي. واهوندن جي واهيرن سان بهار جي مند هولي جا ڪيئي رنگ ۽ روپ ڪٽي پورن ماسي جي ڏينهن ۾ ڦڳڻ جو آڌرڀاءُ ڪندي آهي.

مندون انساني مزاج تي اثر انداز ٿين ٿيون مندن ۽ موسمن جي تبديلي سان گڏ تهوارن جو اچڻ زندگي جي راهه گذر ۾ جدت آهي. رنگن جي بارش ۾ وجود وهنجي ٿو ته نرتيه گيه (ناچ ۽ گيت) تجريدي مصوريءَ جو اسڪيچ لڳي ٿي ۽ جيون ۾ دلڪشي ڪر ڪٽي رنگن سان راند رمي ٿي ۽ ميران جي من ۾ سرندي جون تارون سرچيڙين ٿيون:

ڦاڳڻ کي دن چار دي،
هولي کيل مناري،
بڻ ڪرتال پکا وڄ باجي،
انهي ري جهنڪاري
بڻ سُر راڳ ڇتيون گائون،
روم روم انگ ساري
هولي کيل پيو گهر آوي سوئي،
پياري پي پيار ري
(ميران ٻائي)

هولي رنگن جو تهوار آهي سرمي ڪجلين اکين کان ويندي لبن تي لپسٽڪ تائين سرشٽيءَ ۾ گلزاري کان ويندي ست رنگي انڊلٺ تائين جسم تي اوڍيل ساڙهي کان ويندي ٽر تي ٿوهر تائين رنگن جي خاص اهميت ۽ افاديت آهي رنگن کانسواءِ بي رنگ زندگي جا اولڙا ۽ عڪس خوشبوءِ کان خالي هوندا آهن زندگي ۾ رنگ ڏسندي رابندر ناٿ ٽئگورائين چيو هو. منهنجا ٻچڙا ! جڏهن مان تولاءِ رنگ برنگي رانديڪا آڻيا تو تڏهن مونکي قدرت جو ئي راز سمجه ۾ اچي ٿو.